

# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو

جنوري _ ڊسمبر 2024ع

مُک موضوع

هنري ڪاروبار
جي ترقيءَ ۾
سرسو

## سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

اهي ماڻهون جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهي (القران)

سُگِنِ وَارِيِ سَڌ، مَتَان ڪا مُون سين ڪَرِي
اَنـدَرُ جَنِيـن اَڌ،ڏُونگرَ سَـي ڏورِيـنـدِيُـون (شاهه لطيف)

# سرسو

چهه ماهي

ميگزين

جنوري - ڊسمبر 2024ع

## سٿاءُ


ايڊيٽر پاران ---------- 2
چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو جو پيغام ---------- 3
ترقياتي ڳالهه ٻولهه ---------- 4
مُک موضوع: هنري ڪاروبارن جي ترقي ۽ سرسو ---------- 5
سرسو عمل ۾: اهم سرگرمين جون خبرون ---------- 15
سرسو جا مهمان ---------- 21
پائيدار جياپو ۽ ترقي ---------- 25
تعليم ۽ تربيت ---------- 27
تصويري جهلڪيون ---------- 29
ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ---------- 34
ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف ---------- 40
ترقياتي عمل: نيوز اسٽوريز ---------- 44
ٻيو رُخ ---------- 49
سرسو ۽ ميڊيا ---------- 51
سرسو جي پُهچ ۽ اهم ڪاميابيون ---------- 59



**چيف ايڊيٽر**
نويد اسحاق ميمڻ

**ايڊيٽر**
آصف علي قاضي

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**
علي انور آزاد

**ايڊيٽوريل بورڊ**
شازيه زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ
محمد اڪرم شيخ

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**
بخت علي ابڙو

**فوٽوگرافي**
محمد حنيف هنگورو



**رابطي لاءِ ڊس پتو**
مانيٽرنگ، ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)
فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ: www.srso.org.pk
اِي ميل: infor@srso.org.pk


سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪم جو دائرو سنڌ جي 15 ضلعن تائين پکڙيل آهي، جنهن ۾ سماجي تحرڪ جي ذريعي مقامي سطح تي غريب ترين خاندانن کي متحرڪ ڪري عورتن جي اڳواٽي ۾ڪميونٽي ادارا جوڙيا ويا آهن. سرسو انهن ادارن جي تنظيمي ڪم ڪار کي بهتر ڪرڻ، ترقياتي سرگرمين جي رٿابندي ۽ عمل ۾ آڻڻ توڙي جائزي وٺڻ ۽ مقامي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطاڪاري ۽ صلاحيت سازي جو ڪردار بہ ادا ڪري رهي آهي. ان لاءِ ڪين مختلف قسم جون تربيتون ڪرائڻ ڪان علاوه معلومات پڻ مهيا ڪئي وڃي ٿي. بنيادي مقصد انهن ادارن جي ڪم ۽ ڪردار کي مضبوط ڪرڻ ۽ بهتر شڪل ۾ منظر عام تي آڻڻ آهي.

سرسو ڀراڙي جي هنرمند ۽ گهريلو ڪارڪن عورتن کي گڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپن (Business Development Groups-BDGs) جي شڪل ۾ پڻ منظم ڪيو آهي. ان ڪري انهن جي بهترڪاروباري (Entrepreneur) طور ڪم ڪرڻ ۽ هنرن جي واڌاري ۽ مارڪيٽنگ لاءِ مختلف عملي قدم پڻ کنيا وڃن ٿا. سرسو جي ڪرافٽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبو-Crafts Enterprise Develppment) (CED Sectorخاص طور تي هنرمند عورتن جي هٿ جي هنرڪي فروغ ۽ ڪاروباري سطح تي فائديمند بڻائڻ لاءِ مختلف نمائشون پڻ لڳايون وڃن ٿيون. جنهن ۾ خاص طور تي سرتيون سنگ ميگا نمائش اهم آهي، جيڪا گذريل 14 سالن ڪان باقاعدگيءَ سان ڪراچي جي اهم ڪاروباري مرڪزن ڊالمن مال ۽ اوشين مال ۾ لڳائيوجي ٿي. سرسو جي ان اهم پروگرام ۽ خاص طور تي هنرمند عورتن جي سماجي ۽ معاشي ڪردار کي سيني جي سامهون آڻڻ لاءِ هي خاص شمارو مُک موضوع (Cover Story) طور تيار ڪري شايع ڪيو پيو وڃي.

شماري ۾ سرسو جي چيئرپرسن محترمہ ناهيد شاھ جي سانا پاران سنڌ جي انساني ترقياتي ڪانفرنس ڪراچي ۽ سنڌ اسيمبلي ميمبرن جي ٺٽي ۾ ڳوٺاڻين عورتن جي ڪانفرنس ۾ ڪيل ڳالھ ٻولھ پڻ شامل آهي، جيڪي سرسو جي ڪم جي مڃتا جو مثال آهن. سرسو عمل ۾ واري سلسلي ۾سرسو پاران ڪيل اهم سرگرمين ۽ مهمانن جون خبرون شامل آهن. جڏهن تہ سرسو ميگزين جا ٻيا سلسلا جهڙوڪ: تعليم ۽ تربيت، ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون، ڪميونٽي ادارن جو تعارف، ٻيو رُخ، سرسو ۽ ميڊيا ۽ سرسو جي پُهچ ۽ اهم ڪاميابيون پڻ هن شماري ۾ شامل آهن.

اسان جي ڪوشش هوندي آهي تہ ميگزين جي ذريعي سرسو جي ڪم ۽ ڪردار کي منظر عام تي آندو وڃي ۽ ڪميونٽي ادارن جي صلاحيتن وارو ڪم جاري رهي.

اسان کي توهان سيني پڙهندڙن ۽ مهربانن جي راين ۽ تجويزن جو انتظار رهندو.

تورائتو

**آصف علي قاضي**

مئنيجر ڪميونيڪيشن

سرسو

# چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي ٻهراڙي جي ترقيءَ ۾ هڪ مددگار اداري طور پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ترقي جو اهو سفر 2003 ۾ سنڌ حڪومت جي رهنمائي ۾ سهڪار سان هڪ ضلعي سکر مان شروع ٿيو، جيڪو اڄڪلهه2024 تائين15 ضلعن تائين پهتو آهي. ان سفر ۾ سرسو جا ساٿي سنڌ حڪومت کان علاوه مختلف قسم جا سهڪاري ۽ مالي ادارارهيا آهن. سرسو جو سماجي تبديليءَ ۽ ترقي جو اهو سفر معاشري ۾ سماجي - معاشي انصاف ۽ انساني ترقي کي حاصل ڪرڻ جي منزل لاءِ جاري آهي.

جيئن ته سنڌ جون ٻهراڙيون انيڪ مسئلن جي وڙ چڙهيل آهن،جتي بنيادي سماجي، معاشي ۽ تعميراتي ڍانچو ڪمزورآهي. خدمتون مهيا ڪندڙ ادارن جي اڪثريت عوام تائين ۽ عوام جي انهن تائين پهچ نه ٿي سگهي آهي. ان سموري صورتحال ۾ خاص طور تي معاشري جا ڪمزور سماجي گروههجنهن ۾ غريبعورتون وڌيڪ متاثر ٿي رهيون آهن. ٻهراڙي جي عورتن جي سماجي ۽ معاشي ترقي کان سواءِ ملڪ جي ترقي ممڪن ئي ناهي. ان سڄي صورتحال کي ڏسندي اسان جي سموري ڪمن ۽ ڪوشش جو رخ عورتن جي سماجي ۽ معاشي خودمختياري حاصل ڪرڻ ۽ ان لاءِ مربوط ۽ گهڻ رخي حڪمت عملي اپنائڻ جي عمل ۾ رڌل آهي. ان ڪري ئي هٿ وارن هنرن جي ڪاروباري ترقي ۽ ان ذريعي عورتن جي معاشي حثيت بهتر آڻڻ لاءِ الڳ شعبي طور ڪم ڪرڻ جو سوچيو ويو. سرسو ان شعبي ۾ ڪيترائي عملي قدم کڻي رهي آهي جنهن ۾ عورتن جي هٿ جي هنرن ۾ نکار آڻڻ ان کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ انهن کي مارڪيٽنگ جي معيار مطابق ناهڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي.

سماجي تحرڪ ذريعي عورتون سنڌ جي ٻهراڙي ۾ سماجي تبديلي ۽ ترقي ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. عورتن جي اهڙي ڪردار کي مضبوط بڻائڻ ۽ معاشي سرگرمين ۾ سرگرم شرڪت سان ئي غربت ۾گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. سرسو ان سوچ ۽ حڪمت عملي سان ڪم ڪري رهي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عورتن جي ان ڪردار کي تسليم ڪيو وڃي ۽ اڃا به بهتر طور تيسازگار ماحول ۽ گهربل وسيلا، پاليسيون ۽ ادارا جوڙيا وڃن.

توهان جي ترقيءَ جي سفر جو ساٿي

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سرسو

ترقياتي ڳالھ ٻولھ

# ”سنڌ ۾ انساني ترقي جي صورتحال“

## ناهيد شاھ دُراني، چيئرپرسن سرسو جو، سانا ڪانفرنس ۾ خطاب.







ڪراچي/ 7 جنوري 2024: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي چيئرپرسن محترمہ ناهيد شاھ دُراني، انهن معزز مقررن ۾ شامل هئي جن 7 جنوري 2024ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچي آڊيٽوريم ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (SANA) پاران منعقد ڪيل "سنڌ ۾ انساني ترقي جي صورتحال" واري ڪانفرنس ۾ خطاب ڪيو.

محترمہ ناهيد شاھ دراني “انساني ترقي ۾ جاگيرداري ۽ قبيلائي رڪاوٽن جو خاتمو” جي سيشن جو حصو هئي، جتي هن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) کي هڪ ڪامياب مثال Success (SRSO-A Story) طور پيش ڪيو، جيڪا سخت قبيلائي ۽ جاگيرداري رڪاوٽن کي عورتن جي اڳواڻي ۾ سماجي تحرڪ، ڪميونٽي ادارن ۽ آمدني جا موقعا پيدا ڪندڙ قدمن ذريعي ٽوڙيرهي آهي. هن پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ “ڪيترن ئي مسئلن ۽ رڪاوٽن جي باوجود سرسو گذريل 20 سالن کان سنڌ جي پھراڙيءَ جي عورتن کي سماجي ۽ معاشي طور تي بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي جاکوڙ ڪري رهي آهي. سنڌ حڪومت ۽ ٻين ترقياتي ساٿي ادارنجي مدد سان مختلف شعبن ۾ عملي اپائن ذريعي سماجي سهولتن جي بهتري، غربت گهٽائڻ ۽ مضبوط ڪميونٽي ادارن جي تعمير لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.“

چيئرپرسن سرسو وڌيڪ چيو تہ “سرسو حڪومت سنڌ جي ڀاڱي ڀائيواري طور تيمها ماحولياتي ٻوڏ 2022 ۾ متاثر ٿيل خاندانن جي بنا ڪنهن فرق جي خدمت ۽ مدد ڪئي ۽ گڏوگڏ سنڌ جي 5 ضلعن: خيرپور، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ 7 لکن کان وڌيڪ مضبوط گهرن جي تعمير ۾ پڻ سهولتڪاري مهيا ڪري رهي آهي. ان کان علاوه سنڌ جي قبيلائي ۽ جاگيرداري نظام ۽ جهيڙن جي حوالي سان سڀ وڌيڪ متاثر ضلعن ڪشمور، شڪارپور، سکر ۽ خيرپور ۾ تعليم جي ذريعي انساني ترقي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ميدان ۾ آهي. ان لاءِ ڪيس سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ تعليم کاتي جو سهڪار پڻحاصل آهي.“

خطاب ۾ پاڻ لاڳاپيل ڌرين کي عورتن جي سماجي ۽ معاشي حثيت بهتر ڪرڻ سان گڏ تعليم جي معيار کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ تي بہ زور ڏنو تہ جيئن جاگيرداري ۽ قبيلائي رڪاوٽن کي ختم ڪري سنڌ ۾ انساني ترقي جا مقصد پائيدار بنيادن تي حاصل ڪري سگهون.

مک موضوع

هٽ جي هنرن کي ڪاروبارطور ترقي وٺرائڻ ۽ ٻهراڙيءَ جي عورتن کي معاشي- سماجي طور سگهارو بڻائڻ لاءِ سرسو جي ڪم جو اهم شُعبو

# هُنري ڪاروبار جي ترقي

# (Crafts Enterprise Development-CED)



## تعارف ۽ اهم ڪاميابيون


تعارف ۽ جائزو: علي انور آزاد

*اسسٽنٽ مئنيجر ڪميونيڪيشن ۽ ڊاڪيومينٽيشن - MER هيڊ آفيس سکر*


سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو هنري ڪاروباري ترقي (Crafts Enterprise Development CED) وارو شُعبو سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ عورتن جي هٽ واري هنر جي صلاحيت ۽ ڪم کي هٽي وٺرائڻ ۽ ان کي هڪ ڪاروبار طور ترقي ڏيارڻ ذريعي عورتن جي سماجي ۽ معاشي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. ان لاءِ شُعبو مختلف قسم جا عملي اپاءُ وٺي رهيو آهي، جنهن ۾ هنرمند عورتن جا ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Groups-BDGs)جوڙڻ، هنري نمائشين ذريعي هنر ۽ هنرمند عورتن جي ناهيل شين کي مارڪيٽ تائين رسائی، هٽ وارن هنرن

ڪي مارڪيٽ جي گهرج مطابق نواڻ آڻڻ ته جيئن انهن جي محنت ۽ هنر جي ڪين مناسب قيمت ملي ۽ اهي مالي طور سگهاريون ٿي سگهن.

ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ جو شعبو سرسو جي مُکيه پروگرام طور هنري ڪاروباري ترقي جي ميدان ۾ سنڌ جي 14 ضلعن ۾ ڪل 308 ڪاروباري ترقياتي گروپن ذريعي 6,005 هنرمند عورتن کي منظم ڪيو آهي. جيڪي مختلف قسم جون هٿ سان تيار ڪيل شيون پنهنجي مدد پاڻ توڙي ٻين سرڪاري، غير سرڪاري توڙي ڪاروباري ادارن جي مدد سان وڪرو ڪن ٿيون ۽ پنهنجي گهريلو آمدني ۾ اضافو ڪري رهيون آهن. جڏهن ته سرسو پڻ پنهنجي سرتيون سنگ آئوٽ ليٽ، سرتين سنگ هنري نمائشن توڙي آن لائين ڪاروبارذريعي هنرن جي مارڪيٽنگ ڪري رهيو آهي. سرسو هنرمند عورتن جي هنرن ۾ بهتري آڻڻ، مارڪيٽ جي ضرورت پٽاندڙ نيون شيون شامل ڪرڻ لاءِ 811 نيون ڊيزائنيون متعارف ڪرايون آهن ۽ ڪاروبارن جي بهتر انتظامڪاري ۽ مارڪيٽنگ جي موضوعن تي 3,429 هنرمند عورتن کي سکيا پڻ مهيا ڪئي وئي آهي.

سرتيون سنگ هنري نمائش، سرسو هنري ڪاروباري ترقي واري شُعبو جو هڪ ٻيو اهم قدم آهي، جيڪو 2014ع کان لڳاتار ڪراچي جي مکيه ڪاروباري مرڪزن ڊولمن مال ۽ اوشن مال ۾لڳائي ٻهراڙي جي هنرمند عورتن کي شهري مارڪيٽ سان سڌو رابطو ڪرائي ٿو، انهن جي هٿ وارن هنرن کي مارڪيٽنگ جو بهترين موقعو فراهم ڪري ٿو ۽ ڪين مناسب اگهه حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هن مهل تائين 2014 کان 2024 تائين ڪل 15 نمائشون ڪاميابي سان لڳايون ويون آهن. انهن کان علاوه ملڪ جي مختلف شهرن ۾ لڳندڙ اهم هنري، ثقافتي ۽ ڪاروباري فنڪشن، ميلن ۽ نمائشين پڻ ڀرپور شرڪت ڪري پنهنجي ڪاروباري گروپن جي هنرمند عورتن جي ڪم کي وڪروڪري ٿي.

## هنري ڪاروباري ترقي جو شُعبي جون اهم سرگرميون

- ٻهراڙي جي هنرمند عورتن جا گڏيل ڪاروباري گروپ.
- سرسو-سرتيون سنگ هٿ جي هنرن جو مرڪز.
- سرتيون سنگ هٿ جي هنرن جون ڪاروباري نمائشون.
- ڪاروباري گروپن جي رُڪن هنرمند عورتن جي صلاحيت سازي.
- مارڪيٽ جي گهرج پٽاندڙ نيون ڊيزائنون متعارف ڪرائڻ.
- آن لائين هنري ڪاروبار جي مارڪيٽنگ.

## هنري ڪاروباري ترقيءَ جي شعبي ۾ ڊسمبر 2024ع تائين حاصل اهم ڪاميابيون

| شعبي جون مکيه سرگرميون | ڪاميابيون (ڊسمبر 2024 تائين) |
|---|---|
| ڪميونٽي انٽرپرائيز ڊولپمينٽ جي ڪم وارا ضلعا | 14 |
| هنرمند عورتن جي ٺهيل ڪاروباري گروپن جو تعداد | 308 |
| ڪاروباري گروپن ۾ هنرمند عورت ميمبرن جو تعداد | 6,005 |
| مختلف صلاحيتن ۾ تربيتون حاصل ڪيل هنرمند عورتون | 3,429 |
| تيار ڪيل نين ڊيزائنن جو تعداد | 811 |
| فنڪشنل لٽريٽ هنرمند عورتون | 516 |
| سرتيون سنگ پاران لڳايل هنري نمائشون | 15 |
| لڳايل هنري نمائشين ۾ شرڪت | 165 |



## سرسو- سرتيون سنگ آئوٽ ليٽ- عورتن جي هٿ جي هنرن جي مارڪيٽنگ ۽ نمائش جو مرڪز

سرسو-سرتيون سنگ هينڊي ڪرافٽس آئوٽ ليٽ جو بنياد سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان شروع ڪيل يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جي پروگرام (Union Council Based Poverty Reducuton Program-UCBPRP) هيٺ "سرتيون سنگ مارڪيٽ" جي نالي وڌو ويو. سرسو پاران هي پروگرام سنڌ جي ٽن ضلعن شڪارپور، ڪشمور ايٽ







ڪنڊڪوٽ ۽ جيڪب آباد ۾ عمل ۾ آندو ويو. سرتيون سنگ مارڪيٽ جو افتتاح نالي واري ترقياتي ماهر، رورل سپورٽ پروگرامز جي باني چيئرمين محترم شعيب سلطان خان پهرين مارچ 2012ع تي ملٽري روڊ سکر ۾ ڪيو.

سرتيون سنگ جو مطلب" سکين سان گڏ " آهي.هن جو بنيادبهراڙي جي هنرمند عورتن جي هٿ وارن هنرن جي بهتر مارڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ آئوٽ ليٽ طورتي وڌيو ويو.هينئر اهو سرسو-سرتيون سنگ هينڊي ڪرافٽ آئوٽ ليٽ نالي سان سرسو ڪامپليڪس مين شڪارپور روڊ سکر ۾ قائم آهي.هي آئوٽ ليٽ هنرمند عورتن جي هٿ جي هنر جي مارڪيٽنگ ۽ نمائش جي واڌاري جو ڪم ڪري رهيو آهي. هن وقت اهو سکر جي اهم وزٽ ٽيندڙ جڳهن ۾شامل آهي، ڪو به ٻاهران ايندڙ فرد يا ادارو جيڪو سکر يا سرسو ڏسڻ چاهي ٿو ان جو سرتيون سنگ کي وزٽ ڪرڻ کانسواءِ اڌورو سمجهيو وڃي ٿو.

## جائيڪا لائيٽ ايف پروجيڪٽ 2019- 2023



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) 2019ع کان 2023ع تائين جائيڪا ۽ وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ – سنڌ حڪومت جي سهڪار سان پروجيڪٽ فار امپرومينٽ آف لائيوليهڊز اينڊ ويل بينگ آف فيميل هوم بيسڊ ورڪرز ان انفارمل سيڪٽر ان سنڌ (Project for Improvement of Livelihoods and Well-being of Female Home-Based Workers (FHBWs) in the Informal Economic Sector in Sindh Province) منصوبو عمل ۾ آندو آهي.منصوبي هيٺ سنڌ جي 5 ضلعن جهڙوڪ: سکر، گهوٽڪي، خيرپور، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي هنرمند عورتن جي ترقي لاءِ ڪيترائي اهم ڪم ڪيا ويا.

منصوبي جي اهم ڪاميابي منصوبي وارن 5 ضلعن ۾سرسو جي جوڙيل هنرمند عورتن جي گڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Groups-BDGs) جي عملي تعليم (Functional Literacy) جو ڪم ڪرڻ آهي. پروجيڪٽ تحت 192 ڪاروباري ترقياتي گروپس جي 516 هنرمند عورتن جي تعليم بالغن جي ٽن مهينن جو ڪورس انڊس ريسورس سينٽر (آءِ آر سي) سان گڏجي ڪرايو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻهراڙي جي لکڻ پڙهڻ نه ڄاڻيندڙ هنرمند عورتون بنيادي لکڻ، پڙهڻ، حساب ڪرڻ ۽ ڪلڪيوليٽر/موبائل هلائڻ سکيو ۽ انهن کي نان فارمل ڊائريڪوٽريٽ پاران ڪورس مڪمل جون سندون پڻ ڏياريون ويون.

منصوبي ذريعي هنرمند عورتن جي جوڙيل ڪاروباري گروپن جي صلاحيت سازي ڪئي وئي، انهن جي خاص هنرن جي مارڪيٽ جي ضرورت مطابق تيار ڪرڻ ۽ بهتر ڪرڻ ۾ فني مدد ڪئي وئي ، ادارن سان رابطاڪاري ۽ ڪاروبارن جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو. ان کان علاوه ڪاروباري گروپن جي هنرمند عورتن کي سو شل ميڊيا ۽ اِي ڪامرس ذريعي پنهنجي هنر جي بهتر مارڪيٽنگ ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ خاص تربيتون ۽ ضروري سامان مهيا ڪيو ويو ۽ ان سڄي عمل ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪئي.

## سرسو جي هنري ڪاروباري شُعبي جي مڃتا

موهن جو دوڙو (جولاءِ 27، 2021) : "موهن جو دڙو جي ثمرين سولنگي جيڪا مٽيءَ کي "سون " بڻائي ڇڏي ٿي. ثمرين سولنگي موهن جي دڙي ويجهو ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ ۾ رهائش پذير آهي، هوءَ مٽيءَ مان صديون پراڻي موهن جي دڙي مان نڪتل مورتين کي نئين سري سان زيور ناهي ٿي ۽ ڪاروبار ڪري ٿي. هن وڏي مهارت سان هن ۾ جدت آڻي پراڻي هنر کي ٻيهر سنواريو آهي. سرسو ثمرين کي يورپين يونين جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام تحت زيورن جي تياري تي هنري سکيا ڪرائي ۽ ان جي ڪم کي ڪاروباري شڪل ۾ وڌائڻ لاءِ مدد ڪئي. بي بي سي لاءِ هي اسٽوري ۽ ويڊيو ڊاڪيومينٽري جي شڪل ۾ سينيئر صحافي محترم رياض سهيل ۽ محمد نبيل ڪئي آهي.




12 فيبروري 2022ع (ڪراچي) :پاڪستاني عورتن جي قومي ڏينهن جي تقريب سنڌ ڪميشن آن اسٽيٽس آف وومن (SCSW) ۽ حڪومت سنڌ - عورتن جي ترقي واري کاتي جي سهڪار سان ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ رکي وئي.جنهن ۾ سرسو جي هنرن جي واڌاري ذريعي هنرمند عورتن کي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڪرڻ واري ڪم کي ساراهيو ويو. ان لاءِ مختلف ضلعن ۾ ڪم ڪندڙ 22 هنرمندعورتن کي بہ بهتر ڪارڪردگيءَ جا مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا.




24 جون 2022ع (باڪو آذربائيجان) :انٽرنيشنل ايڪسپو باڪو آذربائيجان ۾سرسو - سرتيون سنگ کي انٽرنيشنل سطح تي اسٽال لڳائڻ ۽ شيون وڪرو ڪرڻ جو هڪ وڏو موقعو مليو. جتي سنڌ جي ٻهراڙي جي هنرمند عورتن جون هٿ سان ٺاهيل شيون وڪرو لاءِ رکيون ويون ۽ عالمي سطح تي پذيرائي حاصل ڪئي.



سکر/ فيبروري 24، 2024: سرسو اروڙ يونيورسٽي سکر ۾ منعقد ٿيل لاهوتي ميلو جي هڪ پارٽنر طور سرگرمي سان حصو ورتو. سرسو پاران ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي هٿ جي هنر جو اسٽال لڳايو ويو ۽هنري ڪاروباري ترقياتي گروپن جي اڳواڻن سان اهم سيشن پڻ ڪيو ويو. سيشن ۾ هنر مند عورتن پنهنجي جوڙيل گروپن، هنرن ۽ ان جي ڪري سندن زندگي ۽ جياپي ۾ آيل بهتري بابت پنهنجا خيال ۽ تجربا ونڊيا..

پئنل مباحثي جو عنوان " پائيدار فيشن جي سکيا" هو. سرسو پاران ٽن هنرمند عورتن ميران مهر (يرڪڻ

شڪارپور بزنيس ڊولپمينٽ گروپ)، لاجوتي بائي (رائچند سڪربزنيس ڊولپمينٽ گروپ) ۽ مائي مارئي (بگودرو خيرپور بزنيس ڊولپمينٽ گروپ ) مباحثي ۾ حصو ورتو.




اسلام آباد / مارچ 8، 2024:عورتن جي عالمي ڏينهن مارچ8 جي موقعي تي اسلام آباد ۾ ٿيل سيمينار ۽ هنري ميلي ۾ سرسو سرتيون سنگ جون هنرمند عورتن جي شرڪت ۽ پنهنجيهنرن جي نمائش ڪئي. هي پروگرام نومبد گيلري پاران سرينا هوٽل اسلام آباد ۾ ڪيو ويو. ڪرافٽس فيسٽيول جو افتتاح پڻ سرسو جي هنرمند عورتن لاجوتي (رائچند سڪربزنيس ڊولپمينٽ گروپ) ۽ زيب النسا (آغا علي جتوئي خيرپور بزنيس ڊولپمينٽ گروپ) گڏيل طور ڪيو. ان موقعي تي عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پنهنجا خيال بہ پيش ڪيا. انهن سنڌ جي ٻهراڙي جي عورتن خاص طور تي هنر مند عورتن جي ڪم ۽ مسئلن تي ڳالهايو ۽ چيو تہ انهن تمام للڪارن ۽ رڪاوٽن جي باوجود عورتون پنهنجي سماجي ۽ معاشي خودمختياري حاصل ڪرڻ سان گڏ مجموعي سماجي ترقي لاءِ بہ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.



## سرسو پاران منعقد ڪيل سرتيون سنگ نمائشون ميڊيا جي نظر ۾



## سرسو - ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ پاران لڳايل

# عورتن جي هٿ جي هنرن جون ميگا سرتيون سنگ نمائشون 2014 کان 2024 تائين هڪ نظر ۾




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سرتيون سنگ ميگا ڪرافٽس نمائشون سنڌ جي ٻهراڙي جي هنرمند عورتن جو وڏن شهرن جي مارڪيٽ تائين رسائي ۽ رابطاڪاري ذريعي ڪاروبار کي فروغ ڏيڻ جي مقصد سان ڪراچي جي مشهور ڪاروباري مرڪزن اوشين مال ۽ ڊولمين مال ۾ لڳايون وڃن ٿيون. هنن نمائشن ۾ سرسو جي ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ (Craft Enterprise Development-CED) شُعبي پاران سنڌ جي 10 ضلعن ۾ جوڙيل شراڪتي ڪاروباري ترقياتي گروپن (Business Development Groups-BDGs) جي هنرمندن عورت ميمبرن جي هٿن سان تيار ڪيل هزارين شيون وڪرو لاءِ رکيون وڃن ٿيون.

هنر مند عورتون پڻ سنڌ جي سماجي- معاشي ترقي جي حوالي سان پوئتي پيل طبقي سان تعلق رکن ٿيون. جيڪي گهريلو سطح تي مختلف قسمن جو بي مثال هنري ڪم ڪري رهيون آهن، پر صحيح مارڪيٽ نه ملڻ ڪري سندن هنر روزگار ۽ آمدني جو ذريعو نه بڻجي سگهيو آهي. سرسو هنرمند عورتن جي هنرن کي جديد مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق بهتر ڪرڻ،

وڪرو ڪرڻ جا موقعا ڏيڻ ۽ صحيح مارڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ سهولتڪاري مهيا ڪري رهيو آهي. سرتيون سنگ هنرن جي نمائش جا ٻيا اهم مقصد هيٺان آهن.

- ٻهراڙي جي ڪاروبارن(Rural Entrepreneurs) خاص طور تي عورتن جي هنرن کي فروغ ڏيڻ، ته جيئن اهي پنهنجي ڪم کي ڪاروبار جي شڪل ۾ ترقي ڏئي سگهن.
- مقامي هنرن کي مارڪيٽ جي ضرروت مطابق بهتر ڪرڻ ۽ صحيح مارڪيٽنگ ڪرڻ جي ذريعي فروغ ڏيڻ.
- ڳوٺاڻي آبادي ڪيسماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڪرڻ ۽ گهريلو سطح تي ڪم ڪندڙ عورتن جي هنري ۽ ڪاروباري مهارتون وڌائڻ ذريعي جياپي جا ذريعا پيدا ڪرڻ.
- هنرمند عورتن جي سڌوسنئون مارڪيٽ تائين رسائي ڪرائڻ ۾ مدد مهيا ڪرڻ.
- هنرمندن عورتن جي خريدار ۽ مارڪيٽ جي ضرورت ۽ راءِ مطابق صلاحيتون بهتر ڪرڻ.
- هنرمندن جو مارڪيٽ، ڊزائينرن ۽ ڪارروبار ڪندڙن سان بهتر رابطا ڪاري پيدا ڪرڻ.







## سرسو- سرتيون سنگ ميگا هنري نمائشيون 2014-2024

ڪراچي / 26-28 جنوري 2014ع : وزيراعليٰ سنڌ جي ثقافت بابت صلاحڪار محترمہ شرميلا فاروقي اوشين مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري هنري نمائش جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي سرسو جي سي اِي او محترمہ ناهِيد شاھ دُراني پڻ موجود هئي.




ڪراچي / 30 - 1فيبروري 2015ع :سنڌ حڪومت جي منسٽر ورڪس ۽ سروسز ڊپارٽمينٽمير هزار خان بجاراڻي اوشين مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري هنري نمائش جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي سي اِي او سرسو محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ موجود هو.



حيدرآباد / 5 - 7 جون 2015ع: ڪمشنر حيدرآباد محترم آصف حيدر شاهه سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري سرتيون سنگ هنري نمائش جو افتتاح ڪيو.



ڪراچي / 5-7 فيبروري 2016ع : ايم اين اي پاڪستان پيپلز پارٽي ڊاڪٽر نفيسه شاهه اوشين مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري سرتيون سنگ هنري نمائش جو افتتاح ڪيو.



ڪراچي/6-7 جنوري 2017: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران اوشين مال ڪراچي ۾ ٽن ڏينهن واري سرتيون سنگ نمائشتي گذري. وزيراعليٰ سنڌ جي صوبائي صلاحڪار محترمه ارم نمائش جو افتتاح ڪيو.نمائش ۾ سنڌ جي ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ هنرمند عورتن جون 1،200 ٿاهيل هنرن کي وڪرو لاءِ رکيو ويو.



ڪراچي/ 5-7 مئي 2017ع : وزيراعليٰ سنڌ جي صوبائي صلاحڪار محترمه ارم خالد ڊالمن مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري نمائش جو افتتاح ڪيو. نمائش ۾ اتر سنڌ جي مختلف ضلعن جي 2 هزار هنرمند عورتن جي هٿ جو هنري ڪم وڪرو لاءِ رکيو ويو.



ڪراچي / 5-7 فيبروري 2018ع : چيئرمين سرسو بورڊ محترم شعيب سلطان خان اوشين مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري ٻهراڙي جي هنرمند عورتن جي سرتيون سنگ هنري نمائش جو افتتاح ڪيو.



ڪراچي/ 26-28 اپريل 2019ع : محترمه عاليه شاهد (سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ) ڊالمن مال ڪراچي ۾ سرسو - سرتيون سنگ پاران لڳايل ٽن ڏينهن واري ٻهراڙي جي عورتن جي هنري نمائش جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي.



ڪراچي/ 4-6 مئي 2019ع : سيد مراد علي شاهه (وزيراعليٰ سنڌ) اوشين مال ڪراچي ۾ سرسو - سرتيون سنگ پاران لڳايل ٽن ڏينهن واري نمائش جو افتتاح ڪيو.



ڪراچي/ 10-12 جنوري 2020ع : مسٽر ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير (لوڪل گورنمينٽ، ٻيلو کاتو ۽ مذهبي معاملا) اوشين مال ڪراچي ۾ سرسو - سرتيون سنگ پاران ٽن ڏينهن واري لڳايل هنري نمائش جو افتتاح ڪيو.



ڪراچي / 25-27 مارچ 2022ع : محترم مرتضيٰ وهاب ايڊمنسٽريٽر ڪراچي، اوشين مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري 11 هين هنري نمائش جو افتتاح ڪيو. نمائش ۾ سنڌ جي ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ ڪاريگر عورتن جي هٿ سان ناهيل هنرن کي نمائش لاءِ رکيو ويو.



ڪراچي/ 25-27 مارچ 2023ع :اوشين مال ڪراچي ۾ لڳايل ٽن ڏينهن واري سرسو – سرتيون سنگ 12 هنري نمائش جو افتتاح محترمه آصفه ڀٽو زرداري ڪيو. افتتاح بعد پاڻاسٽالز جي وزٽ ڪئي، هنرن جو جائزو ورتو ۽ هنرمند عورتن سان ملاقات پڻ ڪئي. افتتاح دوران صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ سيد ناصر حسين شاهه پڻ گڏ هئا.



ڊالمن مال ڪراچي/ 5-8 جون 2023ع : محترمه شيرين مصطفيٰ ناريجو (سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ) ڊولمن مال ڪراچي ۾ سرسو - سرتيون سنگ پاران لڳايل چئن ڏينهن واري 13هين هنري نمائش جو افتتاح ڪيو.




اوشين مال ڪراچي/ڊسمبر 1، 2 ۽ 3، 2023:سرسو پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان چوڏهين سرتيون سنگ ڪرافٽس نمائشن ڪراچي جي اوشين مال ۾ ٿي گذري.

نمائش جو افتتاح صوبائي وزير محترمه رعنا حُسين ڪيو. نمائشن ۾ 5،729 هٽ جي هنرن جا رکيا ويا



ڊالمن مال ڪراچي/ مئي 15-17، 2024:سرسو جي ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبي پاران 15هين سرتيون سنگ ڪرافٽس نمائش ڊالمن مال ڪراچي ۾ لڳائي وئي. نمائش جو افتتاح ميئر ڪراچي محترم مرتضيٰ وهاب ڪيو. هن ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي ۽ سرسو پاران ڪراچي جي ڪاروباري مرڪزن ۾ لڳاتار هنري نمائشون لڳائڻ تي مبارڪون ڏنيون.





سرسو عمل ۾


# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

*(سرسو جي اهم سرگرمين جون مختصر خبرون)*

**سهيڙيندڙ: بخت علي ابڙو**
*سينيئر پروگرام آفيسر (ايم اِي آر يونٽ) هيڊ آفيس سکر*

## سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (SSPA) ۽ سرسو وچ ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون

**ڪراچي/ مارچ 22، 2024:** سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (SSPA) ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) وچ ۾ گڏيل ياداشت جي معاهدي(Memorandum of Understanding-MoU) تي صحيحون ڪيون ويون آهن. ٻنهي ادارن وچ ۾ ممتا پروگرام تي گڏيل سهڪار تي اتفاق ڪيو ويو. ممتا پروگرام لاءِ سرسو پاران سنڌ سوشل پراٽيڪشن اٿارٽي کي ڪميونٽي موبلائيزيشن ۽ عورتن ۾ جاڳرتا وڌائڻ لاءِ سهڪار ڪيو ويندو. ممتا پروگرام، جنهن کي مدر اينڊ چائلڊ سپورٽ پروگرام (MCSP) نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو.




## شهيدمحترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي (SMBBMU) ۽ سرسو وچ ۾ مفاهمت جي ياداشتي صحيحون ڪيون ويون.

**لاڙڪاڻو/جولاءِ24، 2024 :** شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نصرت شاهه ۽ سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو هڪ گڏيل ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون. ان موقعي تي هڪ ٻئي سان دستاويز پڻ شيئر ڪيا ويا .هي تقريب بينظير ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻي ۾ منعقد ڪئي وئي.



هن ياداشت نامي تحت ٻئي ادارا سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ صحت جي سهولتن کي فروغ ڏيڻ لاءِ هڪٻئي سان تعاون ڪندا ۽ صحتمند سنڌ جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ صحت جي سهولتن جيحوالي سان گڏجي ڪم ڪندا.تقريب ۾ سرسو جو چيف فنانشل آفيسر آصف کهڙو، ريجنل مئنيجر لاڙڪاڻو اسد علي جتوئي ۽ يونيورسٽي جي فيڪلٽي ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي.

## سرسو پاران موسمياتي تبديلين جي متاثرن جي سهائتا لاءِ ميرپورخاص ۾ نئون پروگرام شروع

**حيدر آباد / جولاءِ 22، 2024:** سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن(سرسو)ملٽيزر انٽرنيشنل جي سهڪار سان سنڌ جي ميرپورخاص ضلعي جي جهڏوتعلقي ۾ موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ٿيندڙ ڪمزور ڪميونٽين جي سهائتا لاءِ ٽن سالن جو پروگرام شروع ڪيو آهي.هن پروگرام لاءِ جرمني جي وفاقي وزارت اقتصادي تعاون ۽ ترقي (BMZ)

مالي مدد ڪري رهيو آهي. جنهنجو مقصد 7,869 گهرن کي سڌي ۽ اڻ سڌي ريت فائدو پهچائڻ آهي، جنهن ۾ 43,164 ماڻهو (22,445 عورتون ۽ 20719 مرد) شامل آهن.خاص طور تي 2022 جي ماحولياتي ٻوڏ کان متاثر ٿيل آبادي جي سگهيا لاءِ ڪميونٽي ايڪشن ذريعي بنيادي ڍانچي ۽ زراعت جي بحالي شامل آهي.

هي پروگرام موسمياتي تبديلي جي لاء پائيدار ترقي کي فروغ ڏيڻ لاء هڪ اهم قدم آهي. پروگرام جيهڪ تعارفي تقريب حيدرآباد ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ ماحولياتي ماهر، سول سوسائٽي، سرڪاري ادارن، سرسو ۽ ڪميونٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. مقررين موسمياتي تبديليءَ سبب سنڌ ۾ وڌندڙ غربت کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.

ان موقعي سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، مالٽيزر انٽرنيشنل جي نمائندي ڪامران مجيد، پروجيڪٽ مئنيجر نعمت الله ساوند، علي اڪبر هنگورجو، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽر فاروق حيات، سماجي اڳواڻ ماروي اعواڻ، پروفيسر محمد اسماعيل ڪنيار، جرمن انٽرنيشنل تنظيم جي نمائندي سرواڻ بلوچ، سي ايف او سرسو آصف علي کهڙو ۽ ٻين زور پريندي چيو تہ “موسمياتي اثرن هيٺ متاثر ٿيل آبادين جي مدد لاءِ سرڪاري ۽ نجي ادارن کي پائيدار بنيادن تي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو”.





## آن فارم واٽر مئنيجمينٽ - سنڌ حڪومت سان ڪچن گارڊننگ جي واڌاري لاءِ معاهدو

حيدرآباد/ 10 جولاءِ 2024: ڊائريڪٽوريٽ آف آن فارم واٽر مئنيجمينٽ سنڌ پاران حيدرآباد ۾ سنڌ ۾سايون ڀاڄيون اپائڻ (ڪچن گارڊن) جي واڌاري لاءِ سرگرمسماجي تنظيمن سان شراڪتداري جي معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. جنهن ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پڻ شامل هئي. اهو معاهدو حڪومت سنڌ جي "سماجي تحفظ ۽ اقتصادي استحڪام جي سڌاري" واري منصوبي جو حصو آهي. ان جو مقصد سڄي سنڌ ۾ 10,000 غريب هاري گهراڻن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ سامان جي ڪٽمهيا ڪرڻ آهي.سرسو جي قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري وارو شُعبو آن فارم واٽر مئنيجمينٽ حڪومت سنڌ سان گڏجي 15 ضلعن جي 3،200 چونڊ ڪيل هاري گهراڻن۾ گهريلو سطح تي ڪچن گارڊن قائم ڪري سبزيون پوکڻجي مقصد سان سامان ورهايو رهيو آهي.

مها ماحولياتي ٻوڏ 2022ماڻهن جي زندگين کي وڏو نقصان پهچايو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جا سمورا اثاثا ۽ گذر سفر جا ذريعا (لائيو اسٽاڪ، زراعت، روزاني اجرت واريون نوڪريون) تباھ ٿي ويا، جنهن ڪري جياپي ۽ خوراڪ جي تحفظ جا خطراسامهون آيا آهن.سامان جي فراهمي سان، هارين جي گهرن کي ڊرپ ايريگيشن ذريعي ماڊل ڪچن گارڊننگقائم ڪرڻ ۾ مدد ۽ سهولت ملندي، جيئن اهي تازيون ڀاڄيون پيدا ڪري سگهن، جيڪي نہ رڳو خاندان جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪنديون پر اضافي پيداوار مقامي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري آمدني جو ذريعو بہ پيدا ڪنديون.




## سرسبز سکر مهم هيٺ سرسو ڪامپليڪس ۾ تقريب ۽ وڻ پوکيا ويا.

سکر/سيپٽمبر 11، 2024: ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن، نثار احمد صديقي TMC-III پاران سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ ميگا ٽري پلانٽيشن ڊرائيو 2024ع جي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو خاص مهمان سکر ڊويزن جو ڪمشنر فياض حسين عباسي هو.تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر راجه ايم بي ڏاريجو، اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر، چيئرمين ٽائون ڪميٽي TMC-III سکر طارق چوهاڻ، ڊي ايف او ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ٻوٽا پوکڻ واري مهم جو مقصد سرسبز مستقبل ۽ سرسبز سکر لاءِ وڻ پوکڻ ۽ آگاهي کي فروغ ڏيڻ هو.مقررين صاف ماحول کي برقرار رکڻ ۽ موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻ پوکڻ جي اهميت تي زور ڏنو.

تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ۽ شراڪتدارن کي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو پليڪار ڪيو ۽ مهمانن کي سرتيون سنگ ڪرافٽس انٽرپرائيز پاران تيار ڪيل هنرن جا تحفا ڏنا.تقريب جي پڄاڻي تي آيل مهمانن سرسو ڪامپليڪس ۾ وڻ پوکيا، جيڪو "سرسبز سکر" ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. جڏهن ته سرسو پاران پنهنجي ڪامپليڪس ٻاهران شڪارپور مين روڊ کي گرين بيلٽ ٺاهڻ جي ذميداري ڏني وئي.




## ٻوڏ ۽ طوفاني بارش جي تباهڪاري ڪان متاثر 100 ننڍن آبادگارنکي تربيت سان گڏ ٻج، ڊي اي پي ۽ يوريا ڏنا ويا.

خيرپور/ نومبر 21، 2024: تباهي آڻيندڙ ٻوڏن ڪان پوءِ، ڳوٺاڻي ڪميونٽيون خراب معاشي حالتن ۽ زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي سبب شديد متاثر ٿيون.آهن.ملٽيزرانٽرنيشنل جي سهڪار سان هلندڙ منصوبو، سنڌ جي ضلعي خيرپور ۾ ننڍن آبادگارن جي بحالي وارين ڪوششن ۾اهم مدد فراهم ڪري رهيو آهي.

هن منصوبي تحت، متاثر ننڍن هارين کي زرعي مدد جيئن ٻج، ڊي اي پي ۽ يوريا سان گڏ عملي تربيت ڏني وئي آهي. هن تربيت ذريعي آبادگارن کي زمين جي تياري، پاڻيءَ جي انتظام، سار سنڀال جي طريقن، موسمي تبديليءَ جي مطابقپوڪائي، لڻائي ۽ ذخيرو ڪرڻ جي طريقن بابت اهم ڄاڻ ڏني وئي.

جوار جو ٻج ۽ ياڻ جهڙوڪ ڊي اي پي ۽ يوريا جي استعمال سانننڍيا آبادگار مؤثر نموني سان اعليٰ معيار جو چارو پيدا ڪري سگهن ٿا. جنهن سان انهن جي جانورن جي صحت بهتر، کير جي پيداوار ۾ واڌ ۽ جلدي وزن ۾ پڻ اضافو ٿيندو. ان سان گڏو گڏ انهن جي روزگار ۾ پائيداري ۽ چوپايي مال جو چارو پيدا ڪرڻ جي ذريعي هاري پنهنجن خاندانن جي خوراڪ جي تحفظ ۽ اقتصادي مضبوطي لاءِ بنياد تيار ڪرڻ جي قابل ٿيندا.



## سرسو جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن پاران گهوٽڪي ۾ وڻڪاري مهم شروع 5 تعلقن ۾ 1,569 وڻ پوکيا ويا.

**گهوٽڪي/ سيپٽمبر 2024:** سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن جهڙوڪ: ڪميونٽي آرگنائيزيشن(COs) ، ڳوٺاڻي تنظيمن(VOs) ۽ مقامي سپورٽ آرگنائيزيشن(LSOs) .. پارانگهوٽڪي ضلعي ۾ به وڻڪاري مهمشروع ڪئي وئي آهي، جيڪا ماحولياتي تبديلي سبب پونڌڙ منفي اثرن کي گهٽ ڪرڻ ۽ سائي سنڌ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي.

مهم جي شروعات سرسو ٽيم جي ميمبرن ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورتن اڳواڻن سان گڏجي تعلقي ميرپور ماٿيلو ۾ ريحان لنڊ، سهراب لنڊ ۽ نظام الدين بوزدار سميت مختلف ڳوٺن ۾ وڻ پوک ڪري ڪئي. ان مهم هيٺ ضلعي جي پنجن تعلقن ۾ 1,569 وڻ ڪاميابيءَ سان پوکيا ويا آهن.

هي مهم گهوٽڪي ضلعي جي عوام لاءِ هڪ پائيدار ۽ موسمي لچڪدار مستقبل ناهڻ جي طرف به هڪ اهم قدم آهي. "سرسو ماحول جي حفاظت ۽ زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ مقامي برادرين سان ڪم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي". انهن ڪوشش جو مقصد اهو آهي ته جيئن موسمي تبديليءَ جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ وڻڪاري کي وڌايو وڃي، ماحول دوست طريقن کي فروغ ڏيڻ ۽ حياتيات جي تحفظ کي هٿي ڏياري سگهجي.



## محفوظ گهرن جي تعمير لاءِ 8,423 رازن جي سکيا وارو عمل ڪاميابيءَ سان مڪمل

**سکر/ ڊسمبر 2024:** سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران 2022 ٻوڏ متاثر گهراڻن کي محفوظ گهر مهيا ڪرڻ لاءِ هلندڙ منصوبي سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (ايس پي ايڇ ايف) هيٺ محفوظ گهرن جي تعمير بابت رازن جي سکيا وارو عمل سنڌ جي پنجن ضلعن ۾ زور شور سان جاري شروع ڪيو ۽ سال جي آخر تائين. ڪل 8,423رازن کي محفوظ گهرن جي تعمير تيسڪيا ڏني.

ٻن ڏينهن جي ورڪشاپ دوران رازن کي ڪلاس روم ۽ فيلڊ ۾عملي مشقن ذريعي محفوظ گهرن جي ڊيزائن، بنياد کان وٺي ڇت تائين تعمير جي عمل بابت سکيا مهيا ڪئي. تربيت ۾ رازن کي گهر جي مناسب جڳهه جو چونڊ، تعمير دوران استعمال ٿيندڙ سامان جي معيار ۽ تعداد، هوا جي گذر، مضبوط ڇت، پائدار ماحول، وڻڪاري، پاڻي جي بچت ۽ غير ضروري سامان کي مناسب طريقي سان هڪ طرف ڪرڻ ۽ ڪم دوران حفاظتي اُپائن وغيره خاص طور ايس پي ايڇ ايف جي محفوظ گهرن جي معيار بابت تفصيل سان سکيا ڏني وئي. تربيت دوران رازن کي ٻارن کان پورهيو وٺڻ جي ناڪاري اثرن ۽ ان کان بچاءُ بابت پڻ ڄاڻ مهيا ڪئي وئي.




شريڪ رازن تربيت واري عمل کي ساراهيو ۽ چيو ته "ڪين پهريون دفعو نيون شيون جديد ۽ فني مهارت سان سکڻ جو موقعو مليو آهي، انهن جي معلومات ۾اضافو آيو آهي ۽ عملي توڙي ذاتي زندگي ۾ اهميت جي پڻ خبر پئي اهي. جنهن کي گهرن جي تعمير توڙي عملي زندگي ۾ به لاڳو ڪندا ته جيئن سندن ڪم ۾ بهتري سان گڏ مضبوط ۽ ڄڻادار ثابت ٿئي.

## هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي اڳواٽ سڃاڻپ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ رت چڪاس جون اسڪريننگ ڪئمپون.

سکر/ ڊسمبر 2024 : سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي مائڪرو هيلٿ انشورنس (ايم ايڇ آءِ) سيڪٽر پاران مختلف ضلعن ۾ هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي ابتدائي سڃاڻپ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ رت جي چڪاس جون اسڪريننگ ڪئمپون شروع ڪيون ويون آهن. ان حوالي سان آڪٽوبر کان ڊسمبر 2024 جي عرصي دوران سرسو جي ڪم وارن 9 ضلعن ۾جوڙيل ڳوٺاڻي تنظيمن جي سهڪار سان ڪرايل ڪئمپن ۾ 1،528 ڳوٺاڻن جي رت ٽيسٽ ڪئي وئي. ابتدائي اسڪريننگ ۾ڪل 120 پازيٽو ڪيس ( بي ۽ سي +) پڻ سامهون آيا.

ايم ايڇ آءِ شُعبي جي مئنيجر راشد حسين پٽني ٽيڪنيڪل ۽ سرسو جي لڳاپيل ضلعن جي ٽيمجي مدد سان ڪئمپون منعقد ڪيون. ان موقعي تي ڳوٺاڻي ڪميونٽي سان جاڳرتا سيشن پڻ ڪيا ويا. جنهن ۾ بيماري، ان جي احتياطي اپائن ۽ ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ مڪمل علاج ڪرائڻ تي زور ڀريو. جڏهن تہ سامهون آيل مثبت ڪيسن واري فردن سان جدا ڪائونسلنگ سيشن ڪري جلد وڌيڪ ٽيسٽون ڪرائي علاج شروع ڪرڻ بابت هدايتون ڏنيون.

سرسو- مائڪرو هيلٿ انشورنس جي ٽيم ڳوٺاڻي تنظيمن جي سهڪار ڪرڻ تي ساراهيو.چيو تہ سرسو پاران ابتدائي اسڪريننگ جي نتيجن بابت ضلعي صحت کاتي کي بہ ڄاڻ ڏني ويندي ۽ ڳوٺ ۽ پوري ضلعي ۾هيپاٽائيٽس خلاف عملي اپاءَ وٺڻ تي زور ڏنو ويندو.




## سرسو سي اِي او پاران شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ مهمان اسپيڪر طور خطاب ڪيو

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور/ نومبر 12، 2024:سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو بيروزگاري کي گهٽائڻ ۾ خاص طور تي ڀهراڙين مان مستقل بنيادن تي غربت جو خاتمو آڻڻ لاءِ ڪاروبارڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو آهي. شاگردن جي همت افزائي ڪندي هن چيو آهي تہ هونوڪري ڪرڻ کان بهتر آهي ڪاروبارڪرڻ ۽ ٻين لاءِ روزگار پيدا ڪرڻ طرف ڌيان ڏين.

سي اِي او سرسو اهڙن خيالن جو اظهارانسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ مهمان اسپيڪر طورشاگردن سان هڪ آگاهي ويهڪدوران ڪيو.هن چيو تہ سرسو جا پروگرام ڳوٺاڻي ڪميونٽين خاص طور عورتن کي سماجي ۽ اقتصادي طور تي بااختيار بڻائي رهيا آهن.جن ۾ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ، انڪم جنريٽنگ گرانٽس، انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ، بغير وياج قرض ۽ ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شامل آهن.شاگردن جي وڏي تعداد سيشن ۾ گهري دلچسپي ورتي.



## ايجوڪيشن مئنيجمينٽ ڪاميٽي (EMO) 6 اسڪولن هلائڻ جا انتظام سرسو جي حوالي

ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ / فيبروري 24، 2024: ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ- سنڌ حڪومت ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) وچ ۾ معاهدي ٿيڻ ڪانپوءِ ايجوڪيشن مئنيجمينٽ ڪاميٽي (EMO) تحت ضلعي ڪشمورايٽ ڪنڌڪوٽ جي 6 اسڪولن جو انتظام عملي

طور سرسو جي حوالي ڪيو ويو آهي.جنهن ۾ هيٺيان اسڪول شامل آهن.

- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول صدورو ڪوسو
- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول حسن علي شاهه
- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڳهڻو ڪوسو
- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪاهي
- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول رسالدار
- گورنمينٽ هاءِ اسڪول جيئو ڪوسو

اسڪولن جي باقاعدهه طور حوالي ڪرڻ جي تقريب ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ جي آفيس ۽ اسڪولن ۾ ٿي گذريون. جنهن ۾ اسڪول سان لاڳاپيل تمام ڌريون شريڪ ٿيون ۽ اسڪولن کي ڪامياب بڻائڻ جو وچن ڪيو.سرسو لاءِ بنا ڪنهن شڪ جي اها هڪ پارٽنرشپ اهم آهي، جنهن ۾اها سنڌ جي سڀ کان وڌيڪ ڏتڙيل ضلعي جي ٻارن لاءِ معياري تعليم وارو اهم ڪم ڪري سگهندي ۽ انجو تعليم جي شعبي ۾ اهم ڪردار سيني جي سامهون ايندو.




## عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) فيز 3 شروع ڪرڻ جي معاهدي تي صحيحون



ڪراچي / ڊسمبر 9، 2024: "بلاول ڀٽو زرداري چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي جي هدايتن تي پوري صوبي ۾عوام جي غربت ختم لاءِ پروگرام شروع ڪيا ويا آهن. سنڌ حڪومت ان لاءِ ڀرپور مدد مهيا ڪري رهي آهي. ان مقصد لاءِ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP)شروع ڪيو ويو. پروگرام جي ڪاميابيءَ کي ڏسي ان کي نوشهرو فيروز، شهيد بنظير آباد، حيدر آباد ۽ ڪراچي تائين وڌايو ويو آهي." اهي ڳالهيون سنڌ حڪومت جي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ توانائي جي وزير سيد ناصر حسين شاهه سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سان معاهدي واري تقريب ۾ ڪيون.

معاهدي تي صحيحن جي تقريب پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي آفيس ۾ ٿي گذري. معاهدي تي پيپلز پاورٽي ريڊڪشن پروگرام ڊائريڪوريٽ جي ڊائريڪٽر جنرل محترم پرويز احمد چانڊيو ۽ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو صحيحون ڪيون. هن معاهدي هيٺ نون چئن ضلعن نوشهرو فيروز، شهيد بينظير آباد، حيدر آباد، ملير ۽ ڪراچي ويسٽ۾غربت گهٽائڻ خاص طور تي عورتن جي سماجي ۽ معاشي خودمختياري جي حوالي سان ڪم ڪيو ويندو.

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جا مهمان

**(جنوري-ڊسمبر 2024 دوران سرسو جو دورو ڪندڙ اهم ادارا ۽ شخصيتون)**





## محترمہ آصفہ ڀٽو زرداري محترمہ صنم ڀٽو سان گڏجي تعمير ٿيل محفوظ گهرن جو دوروڪيو.

لاڙڪاڻو / جنوري 6، 2024: محترمہ آصفہ ڀٽو زرداري محترمہ صنم ڀٽو سان گڏجي لاڙڪاڻي تعلقي رتو ديرو جي ٻن ڳوٺن ۾ ماحولياتي ٻوڏ 2022 جي متاثر گهراڻن لاءِ تعمير ٿيندڙ محفوظ گهرن جو دورو ڪيو. هي محفوظ گهر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سنڌ حڪومت جي سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽڊ ڪميونٽيز (Sindh Peoples' Housing for Flood Afeectees-SPHF) منصوبي هيٺ تعمير ڪري رهي آهي. سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، ٽيم ليڊر سڪندر علي صنم ۽ ريجنل مئنيجر اسد علي جتوئي ڪيس پليڪار ڪيو ۽ منصوبي هيٺ تعمير ٿيندڙگهرن جو تفصيل ٻڌايو.

محترمہ آصفہ ڀٽو زرداريڳوٺ وانڍ علي محمد جو دورو ڪيو، جتي منظور ڪيل 92 گهرن مان 18 گهر مڪمل تعمير ٿي چڪا آهن. جڏهن تہ يوسي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي ڳوٺ الهورايو سولنگي ۾ تعمير ٿيندڙ 224 گهرن مان 29 مڪمل ٿي چڪا آهن.

آصفہ ڀٽو تعمير ٿيل ۽ ٿيندڙ گهر گهمي ڏٺا ۽ گهر ڌڻين سان ملاقاتون ڪيون. آخر ۾ منظم ڳوٺاڻي تنظيمپاران منعقد ڪيل گڏجاڻي ۾ بہ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ڳالهہ ٻولهہ دوران گهرن جي تعميرواري ڪم جي واڪاڻ ڪئي ۽ فائدو حاصل ڪندڙخاندانن خاص طورعورتن کي مبارڪ ڏني تہ انهن جي محفوظ گهرن جي تعمير ٿي آهي ۽ انهن جي مالڪي پڻ ملي آهي. هن چيو تہ "اهو سنڌ حڪومت جو واعدو هو تہ اها سڀ کان ڪمزور ۽ غريب گهراڻن کي سگهارو ڪندي ۽ انهن کي محفوظ گهر تعمير ڪرڻ ۾ مدد مهيا ڪندي تہ جيئن اهي مستقبل جي آفتن کان محفوظ رهي سگهن."

## ناليواري سائنسدان ۽ دانشور ڊاڪٽر پرويز هوڊڀائي سرسو جو دورو ڪيو.

سرسو ڪامپليڪس سکر / جولاءِ 30، 2024:ملڪ جي ناليواري طبعيسائنسدان، تعليمي ماهر۽ دانشور ڊاڪٽر پرويز هوڊڀائي پنهنجي جيون ساٿي سان گڏجي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سکر جو دورو ڪيو. ان موقعي تي پاڻ سرسو جي انتظاميہ سان مليو، سرسو بابت معلومات حاصل ڪئي. هن سرسو جي ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي هنرن جي ڪاروباري مرڪز سرتيون سنگ جو بہ دورو ڪيو ۽ عورتن جي هٿ وارن هنرن ۽ سرسو پاران ان جي بهتر مارڪيٽنگ ذريعي ڀهراڙيءَ جيهنرمند عورتن جي سماجي ۽

معاشي حالتون بهتر ڪرڻ وارين ڪوششن جي تعريف ڪئي. سرسو جو سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو ۽ ٻين سندس رهنمائي ڪئي.

ان موقعي تي سرسو پاران سکر جي دانشورن، تعليمي ماهرن، اديبن، سماجي ادارن جي سربراهن ۽ سرگرم ڪارڪنن سان خيال ونڊڻ لاءِ گڏجاڻي جو بہ بندوبست ڪيو ويو. جنهن ۾ تفصيل سان ملڪ جي موجوده سماجي، تعليمي ۽ ٻين مسئلن تي ڳالھ ٻولھ ڪئي وئي.



## وائيس چيئرپرسن پنجاب سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جهان آران منظور وٽوسرسو جو دورو ڪيو.

شڪارپور/ڊسمبر24، 2024: وائيس چيئرپرسن پنجاب سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي(PSPA) جهان آران منظور وٽو پنهنجي سنڌ جي دوري دوران سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (SSP)۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ممتا پروگرام هيٺ عورتن جي منعقد ڪيل ڪئمپ جو دورو ڪيو. دوري ۾ ايس ايس پي اي سنڌ حڪومت جي ڪميونيڪيشن اسپيشلٽ محسن ٻبر ۽ سرسو جي جنرل مئنيجر مائڪرو فنانس شازيہ زبيرسندس رهنمائي ڪئي. هن ممتا پروگرام جي حوالي سان شڪارپور ضلعي جي آندل مهر ڳوٺ ۾ ڪيل ڪميونٽي ادارن جي عورتن سان گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾عورت اڳواڻ ڪيس ڪميونٽي ادارن ۽ انهن جي سرسو ۽ سنڌ حڪومت سان ڪمن جو تفصيل ٻڌايو ۽ عورتن جي اهم مسئلن ۽ ممتا پروگرام جي ڪردار بابت آگاهي مهيا ڪئي. ان موقعي تي عورتن پاران پنهنجي ڪاروبارن ۽ هٿ جي هنرن جا اسٽال پڻ لڳايا

جهان آرا وٽو ڳالھ ٻولھ ڪندي عورتن جي جوڙيل ادارن ۽ انهن جي ڪوششن جي تعريف ڪئي ۽ چيو تہ “آئون پوري ملڪ ۾ عورتن سان ملاقاتون ڪيون آهن ۽ انهن جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، مگر توهان عورتن جهڙين سرگرم ۽ همٿ وارين عورتون مون ڪٿي ناهن ڏٺيون.” هن چيو تہ “سرسو ڀهراڙي جي پوئتي پيل گروهن خاص طور عورتن جي غربت گهٽ ڪرڻ ۽ سگهارو ٿيڻ وارو شاندار ڪم ڏسي خوشي ٿي آهي. توهان جي ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌي مون بہ گهڻوسکيو آهي.”



## هينڊزپاڪستان ٽيم سرسو جو دورو ڪيو

سکر/ جنوري 10، 2024:هينڊز جي وفد سي اي او ڊاڪٽر تنوير احمد شيخ جي اڳواڻي ۾سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)جي دورو ڪيو. هيڊ آفيس سکر جي دوري دوران گڏيل خيالن ۽ تجربن جي مٽاسٽا ڪئي. وفد سرسو جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو ۽ انهن جي سسٽم ۽ ڪمن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. جڏهن تہ سرسو جي سينيئر ٽيم سان گڏجاڻي ڪئي ۽اداري جي بهترين تجربن، منصوبن ۽ پاليسين بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ انهن جي واکاڻ ڪئي.

سرسو جي سي اِي او محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو وفد جي آجيان ڪندي ترقياتي شعبي ۾ تعاون جي اهميت تي زور ڏنو، تنظيمن جي وچ ۾معلومات، تجربن۽ مهارتن جي ڏي وٺ، گڏيل سهڪار ڪي وڌائڻ ۽ رابطن ڪي بهتر ڪرڻ تي زور ڏنو.



## سانا طرفان مليل 52 گهرن جي تعمير مڪمل- مرڪزي قيادت وزٽ ڪري گهرن جو جائزو ورتو.

قمبر- شهدادڪوٽ/ جنوري 6، 2024:سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي مرڪزي نائب صدر اصغر پنهور ۽ عورتن جي نائب صدر شاهده شيخ وارهہ لڳ ڳوٺ ڪوڙو بروهي ۾ تعمير ٿيل 52 گهر ڳوٺاڻن حوالي ڪيا ويا. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سانا جي آمريڪا ۾ موجود ٻن چيپٽرن هيوسٽن ۽ سينٽ لوئس جي مالي تعاون سان مها ماحولياتي ٻوڏ 2022 جي متاثر گهراڻن لاءِ هي گهرتعمير ڪيا آهن.سانا اڳواڻن سرسو جا ٿورا مڃيا ۽ چيو تہ "سرسوبغير ڪنهن مالي معاوضي جي اهيگهر سانا جي گذارش تي تعمير ڪرايا ۽ متاثر گهراڻن جي سهائتا ۾ مدد ڪئي."



## 35 هين سينيئر مئنيجمينٽ ڪورس جي شرڪتڪارن سرسو جو دورو ڪيو.

سکر / جون 5، 2024: نيشنل انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ (پي آءِ ايم) جي 35 هين سينيئر مئنيجمينٽ ڪورس جا 15 شرڪتڪار سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو دورو ڪيو. سرسو جي سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو ڪورس جي آفيسرن کي ڀليڪار ڪيو ۽ سرسو ۽ ان جي مختلف پروگرامن خاص طور تي سنڌ حڪرمت جي سهڪار سان هلندڙ اهم منصوبن عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آرپي) ۽ ٻوڏ متاثر لاءِ محفوظ گهرن جي تعمير (ايس پي ايچ ايف) بابت معلومات مهيا ڪئي.
وفد سرسو ڪامپليڪس کي گهمي ڏٺو ۽ سرتيون سنگ مرڪز ۾ ڀهراڙيءَ جي هنرمند عورتن جو ڪم ڏٺو. وفد سرسو جي ڪم خاص طور تي غربت گهٽائڻ ۽ هنرمند عورتن جي سماجي ۽ معاشي خومختياري واري سوچ ۽ حڪمت عملي کي واکاڻيو.



## سابق صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز شيخ نون تعمير ٿيندڙ محفوظ گهرن جو دورو ڪيو.

شڪارپور آگسٽ 9، 2024: سابق صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ، ڳوٺ رسول بخش بروهي ۾ سنڌ حڪومت طرفان برسات متاثرن ۾نون گهرن جون سنديون تقسيم ڪيون ۽ تعمير ٿيل گهرن جوافتتاح ڪيو، سرسو پاران منعقد ڪيل ڳوٺاڻن سان گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي هن چيو تہ برسات متاثرن جي واهر لاءِ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، گڏريل حڪومت ۾ وزير خارجہ جي عهدي تي رهڻ دوران پوري دنيا جي امير ملڪن جو دورو ڪيو ۽ مدد جي اپيل ڪئي جن موٽ ۾ ڀرپور مدد مهيا ڪئي. اڄ انهن فنڊن مان لکين گهر سنڌ سميت شڪارپور جي متاثرن جا بہ گهرتعمير ٿي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ "سنڌ حڪومتانهن ساڳي گهرن کي سولر لائيٽ ڏيڻ جو بہ سوچي رهي آهي، جيئن متاثر گهراڻا زندگي بهتر نموني گذاري سگهن."



## پشاور پريس ڪلب جي سينيئر صحافين سرسو ڪامپليڪس سکر جو دورو ڪيو.



سکر ڊسمبر 2024:پشاور پريس ڪلب جي 15 سينيئر صحافين جي وفد ۽ سنڌ حڪومت جي انفارميشن ڊپارٽمينٽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو دورو ڪيو.سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو سندن شاندار استقبال ڪيو.دوري جو مقصد سرسو پاران غربت جي خاتمي لاء ڪنيل قدمن ۽ تنظيم جي ڪم بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ هئي جنهن ۾ خاص طور تي سنڌ حڪومت جي تعاون سان شروع ٿيندڙ منصوبا شامل آهن .سرسو سربراھ، وفد کي تنظيم جي مقصد ۽ سرگرمين بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني، جنهن کانپوءِ وفد ڪامپليڪس جو هڪ جامع دورو ڪيو، جنهن ۾ مختلف شعبن سميت سرتيون سنگ ڪرافٽس انٽرپرائيز - هينڊي ڪرافٽس آئوٽليٽ جو پڻ مشاهدو ڪيو.

## گڏيل قومن جي مختلف ايجنسين جي صوبائي ليڊز سرسو جو دورو ڪيو.

سکر ۽ خيرپور / مئي 29 ۽ 30، 2024: گڏيل قومن جي مختلف ايجنسين جي صوبائي ليڊز سنڌ ررول سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو دورو ڪيو. دوري جو بنيادي مقصد سرسو ۽ ان جي ڪمن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ هئي. سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو وفد کي سرسو هيڊ آفيس اچڻ تي ڀليڪار ڪيو. وفد سرسو ڪامپليڪسوزٽڪيو، مختلف شُعبن ۾ ويا ۽ آخر ۾ سرسو جي سينيئرٽيم ميمبرن سان گڏجاڻي ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڪين سرسو، انهن جي پسمنظر، ڪم ڪرڻ جي طريقڪار خاص طور تي سماجي تحرڪ واري حڪمت عملي، اهم منصوبن ۽ مختلف شعبن بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي.

وفد ٻن گروپن ۾ ورهائجي خيرپور ضلعي جي ڳوٺ ڪيهر شر يو سي نورپور، ڳوٺ وسطڙا يوسي صدر جون پٽيون ۽ ڳوٺ محمد نواز رند يوسي بگرو ۾ فيلڊ ڪئي. جتي ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيو ۽ سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جوپروگرام (پي پي آر پي) تحت شروع ڪيل ڪاروبارن جي ترقي لاءِ جوڙيل گروپن ۽ انهن جي ڪاروبارن جو مشاهدو ڪيو. فيلڊ ۾سرسو جي ٽيم سندن رهنمائي ڪئي. عورت اڳواڻن ڪميونٽي ادارن جي جوڙجڪ، سرسو ۽ پنهنجي مدد پاڻ ڪيل ڪمن بابت ڄاڻ ڏني. انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ مان فائدو حاصل ڪندڙن پنهنجن ڪاروبارن ۽ ان مان حاصل فائدن جو ٻڌايو. ان موقعي تي ڪاروبارن ۽ هنرمند عورتن پنهنجا اسٽال پڻ لڳايا.

دوري جي آخر ۾ وفد سرسو سرتيون سنگ جو ٻه دورو ڪيو ۽ ڳوڻاٽي هنرمند عورتن جي هٿ جي هنر جي تعريف ڪئي ۽ سرسو پاران انهن جي بهتر مارڪيٽنگ ۽ ترقي ذريعي عورتن جي سماجي ۽ معاشي خومختياري واري سوچ، حڪمت عملي ۽ ڪوشش جي واکاڻ ڪئي ۽ ان کي ترقي جوهڪ ڪامياب ماڊل قرار ڏنو.







پائيدار جياپوءِ ترقي

# سُهانجڙو: غذائيت سان ڀرپور وڻ

## اچو تہ گڏجي هڪ سُهانجڙي Moringa جو ٻوٽو لڳايون



سُهانجهڙي کي انگريزي ۾ مورينگا Moringa سڏيو ويندو آهي. هي هڪ ڪارائتو وڻ آهي جنهن جي استعمال سان غذائي ڪوٽ تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. سهانجڙو هڪ اهڙو وڻ آهي جيڪو پوري پاڪستان ۾ ملندو آهي. تحقيق ڪندڙ ۽ غذائيت جا ماهر سائنسدان هن جي ڪرشماتي خاصيتن تي حيران آهن تہ هن جي پنن مان تيار تيل، پائوڊر، ڪيپسول، گوريون ۽ غذا گهڻي تعداد ۾ وڪامجي رهيا آهن. جاپان جي هڪ معروف ڪير ڪمپني تمام گهڻي عرصي کان سهانجڙو (Moringa) جي نالي سان ٻارڙن لاءِ کير ٺاهي رهي آهي جيڪو غذائي خصوصيتن سان ڀرپور آهي. سهانجڙو لاعلاج بيمارين جو علاج آهي پر افسوس آهي تہ اسان وٽ انهي کي ٻڪريون کائي رهيون آهن. جيڪڏهن ماڻهن کي هن ٻوٽي جي فائدن جي خبر پئجي وڃي تہ سهانجڙي جو هڪ پن بہ نہ بچي. اسان جي ماڻهن کي اها خبر ناهي تہ سهانجڙو هڪ ڪيميائي وڻ آهي. هن ۾ تمام مرضن جا نهايت سستا ۽ آسان علاج آهن. هي تمام مرضن جو علاج مهيا ڪري ٿو، جنهن جو ايلوپيٿڪ طريقي ۾ ڪوبہ علاج موجود نہ آهي. سهانجڙي جي استعمال سان ڪوبہ خراب ردعمل ڪونہ ٿيندو آهي.

هي وڻ ڀارت، پاڪستان ۽ افغانستان ۾ هماليہ جبل جي ويجهن علائقن ۾ پيدا ٿيڻ وارو ٻوٽو آهي. جديد تحقيق ٻڌائي ٿي تہ سهانجهڙو هڪ نامياتي، قدرتي برداشت ۽ طاقت جو سرچشمو آهي. هنن جا ميوا ۽ پاڙون بہ مفيد آهن پر سڀ کان وڌيڪ ڪارآمد سهانجڙي جو پن آهي. چيو وڃي ٿو تہ سهانجڙو لڳ ڀڳ 300 بيمارين جي لاءِ مفيد آهي ۽ هن جي استعمال سان ڪوبہ خراب اثر ناهي پوندو. هي خاص ڪري پوڙهن لاءِ مفيد آهي. هن جو استعمال ياداشت کي بهتر بڻائيندو آهي. جسم جي قدرتي مدافعت کي وڌائي ٿو.

- دماغ ۽ اکين کي غذا مهيا ڪري ٿو هن جي طاقت وڌائي ٿو ۽ جسم جي سيل ميمبرن جي ديوار کي هٿي ڏئي ٿو.
- ڇهري تي گهنج ۽ لڪيرون ٿيڻ کي بہ گهٽ ڪري ٿو.
- جگر ۽ گڙدن جي ڪم ڪار کي تيز ڪرڻ ۽ انهن جي جلد کي طاقتور ۽ خوبصورت بڻائڻ جو ڪم ڏئي ٿو.
- هاضمي جي سرشتي کي مضبوط ڪري ٿو.
- جسم ۾ قوت مدافعت کي وڌائي ٿو.
- صحتمند رت جي نظام کي هٿي ڏئي ٿو.
- سوڄ ٿيڻ کان روڪي ٿو. جسم ۾ صحتمندي آڻي ٿو.
- جسم ۾ شگر Sugar جي سطح کي قائم رکي ٿو.
- جن خاصيتن جي ڪري سهانجڙي کي بطور بهترين غذا تصور ڪيو وڃي ٿو.
- ان ۾ وٽامن، معدنيات ۽ ٻيون انساني ضرورتن جا جز شامل آهن.
- هن جي 100 گرام خشڪ پنن مان ڏهي کان 9 دفعا وڌيڪ پروٽين، گجرن کان 10 دفعا وڌيڪ وٽامن اي، ڪيلي کان 15 دفعا وڌيڪ پوٽيشم، کير کان 17 دفعا وڌيڪ ڪيلشم، مالٽي کان 12 دفعا وڌيڪ وٽامن سي موجود آهن.
- هن سان رت ۾ شگر گهٽ ٿئي ٿي ۽ ذيابطيس جي مرض ۾ بهتري اچي ٿي.
- هن جا پن ۽ ٻج جلن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

- تيل ڇاري ۽ ڪجهه هڏ Fungus & Arthritis جي علاج لاءِ به استعمال ٿئي ٿو.
- ڪوليسٽرول کي صحتمند حد ۾ رکي ٿو.

انهي کان علاوه هي هڪ اهڙو ڪيميائي جزن تي مشتمل ٻوٽو آهي جيڪو دماغ کي ڀرپور سڪون، اکين جي روشني، ياداشت ۾ بهتري،ذهني سڪون ۽ ڊپريشن کان نجات ڏياري ٿو.

سهانجڙو صحت بخش غذائي خصوصيتن سان مالا مال آهي. جيڪڏهن هن جا پن ڪاڏي ۾ ڏينهن ۾ هڪ دفعو پاڇي طور ڪاڏا وڃن ته سڄي ڏينهن جي هر وقت جي ڪاڏي مان حاصل ٿيندڙ غذائيت جي برابر هوندي.

سوهانجڙي جو وڻ جيڪو ماحول دوست هئڻ سان گڏوگڏ سندس پَتا leaves هڪ مڪمل کاڌو (فوڊ سپليمنٽ) پڻ آهي. هن ۾ پالڪ کان 9 ڀيرا وڌيڪ آئرن، ڪيلي کان 4 ڀيرا وڌيڪ پوٽيشم، ڪٽڪ کان 4 ڀيرا وڌيڪ فائبر، کير کان 8 ڀيرا وڌيڪ ڪيلشم ۽ نارنگي کان ٻيڻ تي وٽامن C شامل هوندي آهي.

**سهانجڙي کي استعمال ڪرڻ جا فائدا**

توهان هن ڪرشماتي ٻوٽي جي تمام خاصيتن مان فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا. ٻوٽي جي پنن کي پٽي يا ٽارين کي پٽي شاخن کان الڳ ڪري ان کي سٺي نموني سان ڌوئي خشڪ ڪريو. ان کان پوءِ سڪائي ڇڏيو. جڏهن پن سڪي وڃن ته ان کي پيهي پاؤڊر ٺاهيو ۽ ڪنهن بند برتني ۾ محفوظ ڪري وٺو. روزانو صبح يا شام هڪ چمچو پاؤڊر ڏيڍ ڪپ پاڻي ۾ سٺي نموني ملائي پوءِ چانهه وانگر پي ڇڏيو. جيڪڏهن توهان چاهيو ته هن ۾ ماکي ملائي شربت ٺاهي سگهو ٿا. اوهان هن شربت ۾ گرين ٽي به ملائي سگهو ٿا. شروع ۾ هڪ چمچو پيئڻ شروع ڪريو بعد ۾ ڏينهن ۾ ٻه دفعا به استعمال ڪري سگهو ٿا. هن جو استعمال جسم مان زهريلا مادا خارج ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو جنهن سان اوهان کي دست به ٿي سگهن ٿا. جيئن ته سهانجڙو ۾ ٽي سؤ بيمارين جو علاج موجود آهي.

- ڪجهه اهڙيون بيماريون آهن جيڪي لاعلاج آهن. جن ۾ بلڊ پريشر، ڪوليسٽرول، سوڄ، جگر جي خرابي، شگر، پوڙهائپ ۾ گهنجن کي روڪڻ لاءِ، سنڌن ۾ سور ۽ سوڄ، ٿولهه، دل جا مرض، دماغي صحت جي لاءِ بهترين ۽ ياداشت کي انتهائي تيز ڪري ٿو.
- نظر جي ڪمزوري کي گهٽائي ٿو.
- دماغ ۾ سروٽونن ۽ ڊوپامائن جي مقدار کي وڌائي ٿو جنهن سان ڊپريشن ختم ۽ طبيعت بهتر ٿي وڃي ٿي.
- جگر جي سيني زهريلن مادن کي صاف ڪري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ صاف ۽ صحتمند خون، شاداب چمڙي ۽ چهرو نکري پوي ٿو.
- سهانجڙو دافع تڪسيد Antioxidant ۽ دافع بيڪٽيريا Anti bacterial آهي.
- زخمن کي جلدي ڀرجڻ جي صلاحيت رکي ٿو جو دنيا جا مهانگي کان مهانگي ڪيپسول، گوريون ۽ فوڊ سپليمينٽ هن جي ٻن چمچن جي اڳيان ڪابه حيثيت نه ٿا رکن.
- هي دماغ کي ڀرپور غذائيت فراهم ڪري ٿو جنهن سانوارن جي نشونما بهترين نموني ٿئي ٿي.
- سهانجڙي سان طبيعت ۾ خوشي جو احساس ۽ زنده دلي پيدا ٿئي ٿي.
- جيڪي ٻارڙا ۽ پوڙها دماغي طور ڪمزورآهن ۽ جن جي وزن ۾ واڌارو نه ٿو ٿئي انهن جي لاءِ هي بهترين سپليمينٽ آهي.




وزن گهٽ ڪرڻ وارا سهانجڙي جا ٻه چمچا روزانو استعمال ڪرڻ سان هر طرح جي ڪمزوري ۽ ٻين مختلف پيچيده بيمارين کان نجات ملي ٿي.

اچو ته سهانجڙي جي ٻوٽي کي پنهنجي گهر جي اڱڻ، چوديواري، گهر کان ٻاهر، گهٽين، رستن، پارڪ توڙي هر جڳهه تي جتي جتي لڳائي سگهجي ٿو، لڳايون. پاڻ به سهانجڙي جي ٻوٽي مان فائدو حاصل ڪيون ۽ ٻين کي به هن ٻوٽي جي فائدن بابت آگاهه ڪريون.



تعليم ۽ تربيت

# هارڊ وَرڪ يا سمارٽ وَرڪ



**زبير سومرو**
مئنيجر هيومن ريسورس ڊولپمينٽ (ايچ آر ڊي)
سرسو هيڊ آفيس سکر

دنيا جي هڪ وڏي ڪمپني ۾ سي اِي او (چيف ايگزيڪٽِو آفيسر) جي پوزيشن لاءِ انٽرويو ھورڊ، اميدوار کان صرف هڪڙو ئي سوال پڇيو: ”توهان پنهنجي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري يا خامي ٻڌايو ۽ اِهو پڻ ٻڌايو تہ اُن کي توهان ڪيئن ختم ڪيو؟“

اميدوار جواب ڏنو: ”منهنجي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خامي اِها هئي تہ مان سخت محنتي ( Hard Worker) هيس. مان هڪ غريب گهراڻي جو ٻار هُيس، ننڍي هوندي کان وٺي پيءُ ماءُ کي سخت محنت ڪندي ڏٺو، وڏي مشڪل سان پڙهيس ۽ نوڪري حاصل ڪئي. آفيس ۾ هر ڪم پاڻ ڪندو هيس. سخت محنت ڪندڙ ماڻهو ۾ ڪيترين ئي خاميون هونديون آهن، اُن کي ٻين تي اعتبار نہ هوندو آهي، ان ڪري پنهنجي ماتحتن جو ڪم بہ پاڻ ڪندو آهي يا اُن ۾ ٽنگ اڙائيندو آهي، هر ماڻهوءَ ۾ شڪ ڪندو آهي، ٽيم ناهڻ جي بدران لابي يا گروپ ٺاهيندو آهي، باصلاحيت ماڻهن کي ناپسند ڪندو آهي ۽ نااهلن کي پروموٽ ڪندو آهي ۽ ڏکي وقت اداري کي بچائڻ بدران پنهنجي نوڪري بچائڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي. اِهي سڀ خرابيون مون ۾ بہ هيون. مون کي محسوس ٿيو ۽ مان پنهنجي اِن خاميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ( Hard Work) سخت محنت ڪرڻ ڇڏي ڏني. مان پنهنجي ملازمن تي اعتماد ڪرڻ شروع ڪيو، لابيون ختم ڪري، ٽيم ورڪ تي زور ڏنو ۽ ٻين تي اعتماد ڪري انهن کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو، اهڙي طرح مان پنهنجي پروفيشنل لائيف ۾ ڪامياب ٿيندو ويس.“

دوستو! اِهو اُميدوار هُو، نالیج ايڪانامي جو چيمپئن ۽ گُوگل (Google) جو سي اِي او مسٽر سُندر پچائي، جيڪو هڪ هندستاني آهي. سُندر پِچائي دنيا جو وڏي ۾ وڏي پگهار کڻندڙ سِي اِي او (ساڍا ٽي ڪروڙ روپيا روزانو) آهي. سُندر پچائي کي دنيا جي وڏين وڏين ڪمپينن مان آفرس اينديون آهن، جيئن ئي سُندر گوگل کي ڇڏڻ جو نوٽيس ڏيندو آهي تہ بورڊ سندس پگهار وڌائي ڇڏيندو آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر هِن شخص ۾ اهڙو ڇا آهي جو دنيا جون وڏيون وڏيون ڪمپنيون هِن کي پنهنجي اداري جو سربراهہ ڪرڻ لاءِ پريشان آهن؟

2005ع ۾ دنيا ۾ ڪيترين سرچ انجڻيون هيون، جن ۾

"ياهو، الٽا وِستا، آسڪ، ويب ڪانر، لائڪوس ۽ ايم ايس اين" وغيره عام جام هيون. اُن دؤر ۾ انهن سرچ اِنجڻين ۾ ڪا شيءِ سرچ ڪبي هئي ته اُن جو رزلٽ ملڻ ۾ تقريبن ٻه ٽي منٽ لڳي ويندا هئا. سُندر پچائي جيئن ئي گُوگل جوائن ڪئي ته هُن ڪمپني جي ٽيڪنيڪل اسٽاف کي چيو ته هُو چاهي ٿو ته گوگل ۾ ڪابه شيءِ سرچ ڪرڻ لاءِ ڪجهه لکي ته هڪ سيڪنڊ اندر گوگل سرچ جا نتيجا ڏئي. سيني چيو اِهو ناممڪن آهي، دنيا ۾ ڏِزن کان مٿي ٻيون ٻه سرچ انجڻيون ڪم ڪن ٿيون، اهو ممڪن هجي ها ته هيل تائين ايئن ٿي چڪو هجي ها. سُندر پچائي سيني کي چيو ته هاڻي توهان گهر وڃو ۽ آرام سان ويهي سوچيو ته ايئن ممڪن آهي يا نه. سيني شام جو هڪٻئي کي فون ڪري چيو ته سُندر چريو ٿي ويو آهي، اهو ناممڪن آهي. ٻئي ڏينهن وري ميٽنگ گهرايائين، سُندر سيني کي چيو ته "جيڪي چون ٿا ته اِهو ممڪن آهي، اُهي هٿ مٿي ڪن. ڪنهن به هٿ مٿي نه ڪيو. سُندر سيني کي چيو ته هُو سندس شعبي مان بدلي ڪرائي، ڪمپني جي ٻي ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ وڃن يا پلي ٻي ڪا نوڪري ڳولين، ڇو ته هُو انهن ماڻهن سان گڏجي ڪم نه ٿو ڪري سگهي، جيڪي ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان اڳ اُن ڪم کي ناممڪن سمجهي، ڪوشش ئي نه ڪن." ان کان پوءِ سُندر پچائي، پنهنجي شعبي ۾ بلڪل نوان، فريش ۽ ناتجربيڪار نوجوان ڀرتي ڪيا ۽ انهن سان گڏجي اُهو ناممڪن ڪم ڪري ڏيکاريو. اڄ گُوگل تي ڪابه شيءِ سرچ



ڪيو ته سيڪنڊن اندر گهربل معلومات ملي ٿي وڃي.

سُندر پچائي چوي ٿو ته هُو ٽيڪنالاجي جي هِن ڊوڙ ۾ شامل ئي ناهي. هُو مقابلي (Competition) جو حصو ئي ناهي. هُن ترقيءَ جي هڪ الڳ شاهراهه جوڙي آهي، جنهن ۾ هُو اڪيلو آهي ۽ سندس ڪوبه اڳيان پويان ناهي. هُو "پهريون نمبر (No. One)" ۾ يقين ئي نه رکندو آهي، بلڪ 'صرف هڪ (Only One)'جو قائل آهي، ڇو جو 'نمبر وَن' واري جي پويان 'نمبر ٽو، ٿري، فور' جي لائين هوندي آهي، جيڪي ڪڏهن به نمبر وَن کي پوئتي ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته 'اونلي وَن' وارو ميدان ۾ بلڪل اڪيلو هوندو آهي، هُن جو ڪوئي ثاني ناهي هوندو، يعني هُو منفرد (Unique) هوندو آهي. انگريزي گرامر ۾ صفت جا 3 درجا آهن يعني "سٺو، بهتر، بهترين (Good, Better, Best)" جڏهن ته منفرد جا ڪي درجا ناهن هوندا، ڇو ته انگريزيءَ ۾ (Unique, Uniqer, Uniquest) ناهي هوندو، بس (Unique) صرف (Unique) هوندو آهي.

سخت محنت (Hard Work) هڪ ڪامياب ڪيريئر جو سنهري اصول سمجهيو ويندو آهي. اسان جي آس پاس اهڙا بيشمار ماڻهو ملندا، جيڪي صبح کان وٺي رات تائين سورنهن سترنهن ڪلاڪ سخت محنت ڪن ٿا، رات جو گهربل ننڊ به مشڪل سان ڪن ٿا پر انهن جي ان سموري سخت محنت جو ڦلُ، گهر جو گذر سفر جيترو مسَ آهي. سخت محنت ته گڏهه به ڪندو آهي، جنهن کي ايڏي سخت جان مزدوريءَ کان پوءِ به ٻن وقتن جي خوراڪ کان سواءِ ڪجهه ناهي ملندو. تيل جي گهاڻي ۾ اکين تي پٽي ٻڌل ڏاند صبح کان شام تائين هلندو آهي، سمجهندو آهي ته هُو ميلن جا ميل سفر ڪري آيو آهي، پر شام جو اکيون کولڻ کان پوءِ پاڻ کي ڏسندو آهي ته هُو اُتي جو اُتي بيٺو آهي. اهڙي طرح ڪجهه ماڻهو سڄي زندگي گڏهه جهڙي محنت ڪندا آهن پر انهن جي زندگيءَ جي معيار تي ڪو خاص فرق ناهي پوندو. سڄي عمر گهاڻي جي ڏاند وانگر پيا هلندا آهن پر سٺ سالن جي ريٽائرمينٽ واري عمر ۾ جڏهن زندگيءَ جي شام ٿي ويندي اٿن ته پنهنجي اکين تان پٽي لاهي ڏسندا آهن ته زندگي گذري وئي پر ڪي به خواب پورا نه ٿيا ۽ ساڳي جاءِ تي ئي بيٺا آهن. "هيءَ حَسين زندگي ايئن گذري وئي، خواب هو يا هوا، ڪا خبر ئي نه پئي."

ان سموري اُپٽار مان ثابت اهو ٿو ٿئي ته بنا ايڊريس پوسٽ ڪيل لفافو ڪڏهن به ڪٿي ناهي پهچندو. بنا منزل جي تعيُن ۽ پلاننگ جي ڪيڏي به سخت کان سخت محنت ڪيو، اُها جيڪڏهن رائيگان ناهي ته ڪارگر به ناهي. آفيسن ۾ اڪثر



سرگرمين سان نيائي وجڻ سٽي مئنيجمينٽ آهي ۽ سالن جا سال لڪير جو فقير بڻجي ساڳي پراڻي روايتي سسٽم (Status Quo) کي گهليندڙ محظ هڪ 'مئنيجر' آهي، جڏهن ته ڪمن کي نوعيت موجب ورهائڻ، اُيرن سيرڻ کان ڪم ٻه وٺڻ، ٽيم جوڙڻ وارو 'ليڊر' آهي. گڏهه وارو اِهو 'هارڊ ورڪ' ماڻهوءَ کي مئنيجر ٿو بڻائي ۽ 'سمارٽ ورڪ' ماڻهوءَ کي 'ليڊر' بڻائي ٿو. اچو ته نوجوانن ۽ خاص طور ٻارن ۾ ان اپروچ جو ٻج پوکيون ته هُو لڪير جا فقير ٿيڻ کان بچن ۽ مستقبل جا نوان سُندر پچائي بڻجن. شاهه صاحب فرمايو آهي:

ٿري پڳي ڪينگري، ٺلها ڦيرا ڏئي،
آٽي نه کي نِئي، ته ٻه سلهاڙي وتي ساٿ سان!



وڏن عهدن يا وڏي عمر وارا صاحبان پاڻ کي 'عقلِ ڪُل' سمجهندا آهن ۽ نوجوانن ۽ ماتحتن کي ڪا اهميت نه ڏيندا آهن. اهڙي نفسيات واري ادارن جو ماحول بيٺل پاڻيءَ جهڙو هوندو آهي، جتي آئيڊياز ۽ نواڻ جي ڪابه جاءِ نه ملندي آهي، ان جامد ۽ ساڪن صورتحال کي انگريزيءَ ۾ Inertia يعني tendency to do nothing or to remain unchanged) مطلب اهڙو رجحان جنهن ۾ ڪجهه به نه ڪجي ۽ جيئن جو تيئن رهجي.

هر ڪم پاڻ ڪرڻ، ڪا خوبي نه بلڪ شخصي اُوڻائي آهي، ٻئي طرف ٽيم کان ڪم وٺڻ هڪ فن آهي. 'ڪم ڪرڻ' 'هارڊ ورڪ (Hard Work) آهي ۽ 'ڪم وٺڻ' 'سمارٽ ورڪ (Smart Work)' آهي. معاملن، مسئلن ۽



# ڪميونٽين جي ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

*(سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي مختلف سهڪاري ادارن سان هلندڙ منصوبن، فائدو حاصل ڪندڙن ۽ ڪميونٽي ادارن جي اهم ڪاميابين جون ڪهاڻيون وزٽ ڪندڙن، ميڊيا نمائندن ۽ سرسو ٽيم ميمبرن پاران سهيڙي مختلف اخبارن، رسالن ۽ سماجي ميڊيا ۾ شايع ڪيون وڃن ٿيون. جنوري- ڊسمبر2024 ع دوران شايع ٿيل/ تيار ڪيل چوند ڪهاڻيون توهان جي ڄاڻ لاءِ ڏيئي رهيا آهن.)*

## موبائل ڊيٽا ڪيبل ٺاهڻ جو يونٽ؛ ڳوٺاڻي تعليم يافته نوجوان جو خواب ساڀيان ماڻي ٿو.

*ڳوٺ فقير آباد تعلقو روهڙي ضلعو سکر*

محمد خليل جويو، هڪ ٻهراڙي جو تعليم يافته نوجوان آهي، جنهن جي دماغ ۾ وڏا خواب آهن. هي سکر ضلعي جي هڪ ڳوٺ فقير آباد، يوسي ڊنڊي، تعلقو روهڙي جو رهائشي آهي. هن پنهنجي تعليم انجنيئرنگ جي شعبي ۾ هڪ نامور يونيورسٽي مان حاصل ڪئي ۽ ڪراچي جي نجي ڪمپني ۾ ڪم ڪندي، هن پنهنجي صلاحيتن جو لوهو مڃايو، پر هن جي دل ۾ هڪ اڻپوري خواهش هئي ته پنهنجو ذاتي ڪاروبار هجي. مگر هن جي ڪمزور معاشي حالت ۽ گهربل سرمايو نه هجڻ، جيڪا سنڌ جي عام ماڻهن جي حالت سان ملي ٿي، هن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي بيٺي هئي.

" اها منهنجي خوش قسمتي هئي جو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ( سرسو)هڪ اهم سهڪاري بڻجي سامهون آيو ۽ منهنجي زندگي کي هڪ نئون رُخ ڏنو."

محمد خليل پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي چيو. هن سکر ۾سرسو پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سانهلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (PPRP-Govt. of Sindh) هيٺ شروع ٿيل انٽرپرائيز ڊولپمينٽ(EDF)بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جو سوچيو ۽ ڪاروباري ترقي جي فنڊ جي بنا وياج جي قرض لاءِ عرضي ڏني. "سرسو منهنجي ڪاروباري خيال ۽ پلان کي ساراهيندي ڏنل عرضي تي تڪڙ ۾ ڪارروائي ڪئي ۽ ٽي لک ( 3،00،000) رپيا مهيا ڪيا. اهو لمحو منهنجيزندگي ۾ هڪ نئين صبح جو آغاز ثابت ٿيو" خليل وڌيڪ ٻڌائي ٿو.



ڪاروباري قرض جي رقم ملڻ کان پوءِ محمد خليل، جوش ۽ جذبي سان ڀرپور، پنهنجي خوابن جي تعبير لاءِ تيار ٿي ويو. هن ضروري سامان جهڙوڪ مشينري، خام مال وغيره خريد ڪر پنهنجي ڳوٺ ۾" موبائل جون تارون، چارجر جون ڪيبل ۽ ٻيو سامان تيار ڪرڻ جو يونٽ " قائم ڪري پنهنجو ڪاروبار(Start Up) شروع ڪيو. هن پنهنجي هٿن سان پنهنجي قسمت کي موڙي ڇڏيو ۽ پنهنجيخواب جي تعبير کي هڪ حقيقت بڻايو.

اڄ محمد خليل جو تيار ڪيل سامان پنو عاقل، روهڙي ۽ سکر جي مارڪيٽن ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. هن جي محنت ۽ شوق سان هن کي سٺي بچت حاصل ٿي پئي ۽ هي پنهنجو گهر سٺي طريقي سان هلائي رهيو آهي. محمد خليل نہ صرف پاڻ روزگار سان لڳو ۽ پنهنجو گهر جي آمدني ۾ حصو وجهي رهيو آهي، پر هن وقت هن جي يونٽ تي بہ ٻيا نوجوان بہ روزگار ڪري رهيا آهن. جيڪي ڪيس ڪيبل تيار ڪرڻ، پيڪنگ ۽ مارڪيٽ ڪرڻ جي ڪم ۾ مدد ڪن ٿا. هن جي محنت نہ صرف سندس ۽ گهر وارن جي زندگي ۾ بهتر آندي آهي، پر ٻين ماڻهن جي زندگي ۾ بہ روشني آڻڻ جو سبب بڻي آهي.

" منهنجو ارادو آهي تہ هن گهرسطح تي قائم يونٽ کي وڏي پيداواري يونٽ طور قائم ڪيا، موبائل سان لاڳاپيل ٻيو سامان بہ تيار ڪيا، ٻين نوجوانن کي سکيا ۽ روزگار مهيا ڪيا ۽تيار سامان ضلعي کان ٻاهر پوري سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بھمارڪيٽ ڪيا." محمد خليل پنهنجي ڪاروبار جي مستقل ۽ پائيداري بابت پر اعتماد طريقي سان ٻڌائي ٿو.

محمد خليل جو داستان نہ صرف هڪ تعليم يافتہ نوجوان جي ڪاميابي جو قصو آهي، پر اهو هر انهي انسان لاءِ هڪ مثال آهي جيڪو خواب ڏسڻ جي جرئت رکي ٿو. هن ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ محنت، عزم ۽ اُميد سان گڏ گهربل سهڪار ملڻ سان ڪٿي بہ پهچي سگهجي ٿو. هن جو سفر سرسو ۽ ٻين فائدو وٺندڙن لاءِ هڪ مثال پڻ آهي. سرسو جي لاءِ اهو اعزاز آهي تہ اهو سنڌ واسين جا خواب پورا ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ ملهائي رهيو آهي.

*تحرير: فرخندا چانڊيو (جنرل انٽرپرائيز آفيسر)*
*سرسو سکر آفيس*

## گهريلو باغباني مان فائدو حاصل ڪندڙ هارياڻي، مائي رُقعت جي ڪاميابي جي ڪهاڻي

***عجب خان دستي، يو سي هنڊياري تعلقو ٺري مير واهہ ضلعو خيرپور***

سنڌ ۾ 2022 واري مها ماحولياتي ٻوڏ ڳوٺ عجب خان دستي، يو سي هنڊياري تعلقو ٺري مير واهہ ضلعو خيرپور ۾ بہ تباهي جو هڪ داستان ڇڏيو، جيڪو اڄ بہ ماڻهن کان نہ وسري سگهيو آهي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪيل بنيادي سروي هڪ خوفناڪ حقيقت سيني جي سامهون آندي تہ 100 سيڪڙو زرعي زمينون ٻوڏ سبب ٻڏي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ گهريلو سطح تي خاص طور تي خوراڪ جي تحفظ ۽ بُک جي خراب صورتحال کي بدتر ڪيو.انصورتحال تي قابو پائڻ لاءِ سرسو ۽ مالٽيزر انٽرنيشنل جي گڏيل ڪوشش سان ڀاڄين جي پوک لاءِ گهرن ۾ باغباني جو پروگرام پڻ شروع ڪيوويو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) رقعت جهڙينهوڏ سٽيل عورتن تي ڌيان ڏيندي، منصوبي جي شروعات هڪ محتاط انداز سان ڪئي. 10 کان 10 ميٽرن جي مناسب پلاٽن رکندڙ گهراڻن وارن عورتن جي سڃاڻپ ڪئي وئي ۽ رقعت پنهنجي ڪمزور سماجي –معاشي حالت، ڪم ڪرڻ جي جذبي ۽صلاحيتن جي ڪري هڪ ڪامياب اميدوار طور سامهون آئي.




سرسو پاران رقعت کي ڀاڄين جي باغ ٺاهڻ لاءِ، ضروري اوزار، ٻج ، پاڻ ۽ ضروري فني مدد مهيا ڪئي وئي. زرعي ماهرن جي رهنمائيءَ هيٺ، هن سبزين جي پوکائي جا جديد طريقا اختيار ڪيا، پنهنجي سبزين جي باغ جي بهتري ۽ مستقبل جي للڪارن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي يقيني بڻايو ۽جديد علم، ضروري اوزارن، ۽ بيحد عزم سان، رقعت پنهنجي گهريلو سطح تي ڀاڄين جو باغ تيار ڪيو ۽ ان تي موسمي ڀاڄيون پوکي ان کي هڪ ڪامياب ۽ مثالي باغ بڻائي ڏيکاريو.

مائي رقعت جو تعلق تعلقي ٺري مير واهہ جي ڳوٺ عجيب خان دستيجي هڪ هاري گهراڻي سان آهي. پاڻ هڪ ٻار جي ماءُ پڻ آهي، گهريلو ڪم ڪار کان علاوه زمين جي ڪم ڪار ۾ مڙس جي مددگار طور ڪم ڪري ٿي، ان ڪري ڪيس زمين ۽ فصلن جي سنڀال جي روايتي ڄاڻ، تجربو ۽ مهارت پڻ آهي.

"گھريلو موسمي ڀاڄين جو باغ جيڪي ڀاڄيون پيدا ڪري ٿو، منهنجي خاندان لاءِ غذائي خوراڪ جي مسلسل فراهمي کي محفوظ ڪري ٿو ۽ انهن جي صحت کي بهتر بڻائي ٿو." هي گھريلو باغباني مان فائدو حاصل ڪندڙ رقعت خوشي سان ٻڌايو. هن وڌيڪ چيو ته "منهنجو سبزين وارو باغ سٺو ثابت ٿيڻ جي ڪري مونکي هڪ بهترين موقعو ۽ فائدو پڻ ڏنو آهي. اهو ته مون پنهنجي باغ جون اضافي ڀاڄيون وڪڻڻ شروع ڪيون آهن، جنهن سان اسان لاءِ اضافي آمدنيءَ جو هڪ نئون ذريعو پيدا ٿيو آهي".

پنهنجي ٻارن جي روشن مستقبل لاءِ خواهش رکندڙ رقعت کي ڀاڄين جي بچت ۽ اضافي آمدني هن کي موقعو ڏئي ٿي ته هو پنهنجي خاندان جي صحت، خوراڪ ۽ تعليم ۾ سيڙپڪاري ڪري، هڪ روشن سڀاڻي لاءِ رستو هموار ڪري.

رقعت جي ڪهاڻي ذاتي ڪاميابيءَ کان وڌيڪ آهي. اهو تبديليءَ واري طاقتءِ مصيبت مان ابرندڙ ڪميونٽي جي اجتماعي طاقت جو ثبوت آهي. رقعت جي ڪهاڻي ٻين عورتن کي متاثر ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي ۽ زندگين کي ٻيهر تعمير ڪرڻ ۽ آفت جي نتيجي ۾ گھر سطح تي خوراڪ جي حفاظت کي فروغ ڏيڻ لاء هڪ قابلِ عمل مثال آهي.

*سهيڙيندڙ: فاروق رحيم، ايم اِي آر آفيسر، سرسو هيڊ آفيس سکر سنڌ*

## عائشه نعمان جو ڪامياب ڪاروبار ڪرڻ وارو خواب حقيقت بڻجي ٿو.

**مڪلي، ضلعو ٺٽو**

سنڌ جي ضلعي ٺٽي جي مڪلي شهر ۾ رهندڙ، عائشه نعمان نالي هڪ عورت،پنهنجي محنت، صلاحيت ۽ جذبي سان ڀرپور هئي. هن پنهنجو ڪاروباري سفر وڏي محنت سان شروع ڪيو. آهستي آهستي پنهنجي صلاحيت کي محسوس ڪندي. عائشه پنهنجي ڪپڙن ۽ ڪاسميٽڪ دوڪان جي مالڪ ٿيڻ جو خواب ڏٺو. بهرحال، پنهنجي مڙس جي آمدني مانڪافي پئسا بچائڻ هڪ ناممڪن ڪم وانگر لڳو. چئيلنج کان بي پرواهه، عائشه ۽ سندس مڙس 400,000 PKRگڏ ڪرڻ جو انتظام ڪندي محنت سان بچت شروع ڪئي.



"ان معمولي رقم سانمون بهادري ڪندي مڪلي ۾ پنهنجي ڪپڙي ۽ ڪاسميٽڪ دوڪان جو آغاز ڪيو. منهنجي ڪوششن جي باوجود، آمدني سيني خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هئي،. مون پاڻ کي مالي رڪاوٽن کي منهن ڏيندي ڏٺو. ان لاءِ قرض حاصل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مون وڏي وياج (سود) واري بئنڪ جي قرض کان بچڻ پئي چاهيو. ڪو ٻيو ڪلرستو ۽ حل ڳولڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون."عائشه نعمان ٻڌائي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته "شڪر آهي، قسمت هئي جو ڪنهن دوست سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ سنڌن انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF)بابت ٻڌايو ۽ ان سان رابطو ڪرڻ جي صلاح ڏني."

انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF) سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گھٽائڻ پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ شروع ڪيو ويو آهي. جنهن جو بنيادي مقصد عائشه جهڙين عورتن کي بغير وياج ( سود) قرض فراهم ڪري کين سماجي ۽ معاشي طور بااختيار بڻائڻ آهي.

اميد کان پرجوش، عائشه بغير وياج قرض لاءِ سرسو ٺٽي آفيس کي درخواست ڏني ۽ جڏهن هن جو منصوبو قبول ڪيو ويو ته هوءَ خوش ٿي. هن جي ڪاروبار ۾ اضافي 400,000 PKR جوڙي ڇڏيا. عائشه جي قسمت بدلجڻ شروع ٿي. هن جي ماهوار آمدني، هڪ ڀيرو 35,000 کان40,000روپين جي لڳ ڀڳ هئي.

"سرسو جي انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF) جي مهرباني جي مدد سان منهنجو ڪاروبار وڌيو. ڪپڙي ۽ ڪاسميٽڪ جو




دوڪان مڪلي ۾ مشهوري ماڻڻ شروع ڪئي. پنهنجي آمدنيءَ ۾ واڌ سان، پاڻ کي سڪون ۽ اطمينان واري جاءِ تي محسوس ڪيو.“ عائشہ پنهنجي ڪاروبارجي ڪاميابي بابت خوشي مان ٻڌائي ٿي.

اڄ، عائشہ نعمان جي ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي واپار جي خواهش ڪندڙن لاءِ هڪ مثال جو ڪم ڪري ٿي. سخت محنت، عزم ۽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ جھڙن قدمن جي مدد ذريعي، عائشہ پنهنجي خوابن کي حقيقت ۾ بدلائي اهو ثابت ڪيو تہ صحيح موقعن سان ڪو بہ ماڻهو عظمت ۽ ڪامياب ڪاروبار ڪري آمدني حاصل ڪري سگهي ٿو.

*تحرير: اشوڪ مالهي اسسٽنٽ مئنيجر EDF سرسو حيدرآباد ريجن*

## نيڻ مير خاتون جي خواب بہ ساييان ماڻي ورتي...!

ڳوٺ الهورايو سولنگي، يوسي ڳڙهي خدابخش پٽو ضلعو لاڙڪاڻو

مير خاتون ضلعي لاڙڪاڻو جي رتوديرو تعلقو يوسي ڳڙهي خدابخش پٽو جي ڳوٺ الهورايو سولنگي جي رهواسڻ آهي. هن جو خاندان 6 ڀاتين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڻ، سندس گهروارو ۽ چار ٻار شامل آهن. مير خاتون جي گهر جو روزگار جو ذريعو ڪو خاص نہ سندن مڙس چانهہ جي هوٽل تي چانهہ پچائيندو آهي ۽ گهر ۾ ٻيا ڀاتي رليون، ٽوپيون ناهڻ سان گڏ هٿ جو ٻيو هنر استعمال ڪري پنهنجي گهر جو چرخو هلائين پيا. هر غريب گهراڻي جيان پڪو گهر مير خاتون جو بہ خواب هو پر گهٽ آمدني وڌيڪ خرچ ۽ بچت نہ هجڻ ڪري سدائين سندس جو خواب خواب ئي رهيو. “2022ع جي برسات ۽ ٻوڏ جتي سڄي سنڌ اندر تباهي آندي اتي منهنجو ڪکائون گهر بہ محفوظ نہ رهيو، سنڌ حڪومت گهر گهر سروي شروع ڪئي تہ منهنجو گهر بہ متاثر گهراڻن ۾ آيو.سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تصديقي عمل مڪمل ڪيو تہ حڪومت پاران پهرين بيچ جا نالا جاري ڪندي مستحقين ڏي گهر جي پهرين قسط جي رقم 75000 روپيا جا ميسيج اچڻ شروع ٿيا تہ آئون بہ انهن خوشنصيبن ۾ شامل هئي جنهن ڏي ميسيج پهتو.“ مير خاتون تفصيل سان پنهنجي گهر جي تعمير بابت ٻڌايو.





رقم ملڻ ڪانپوءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ٽيڪنيڪل ٽيم سان رابطو ڪيو ۽ ٽيم پاران محفوظ گهر (خطرن کي منهن ڏيڻ واري گهر ) جي ماپ،ڊزائن ۽ گهر جي تعمير ۾ استعمال ٿيندڙ سامان بابت آگاهي ڏني تہ آئون پهريون گهٻرائجي وئي پر سرسو جي انجينيئرنگ ٽيم پاران استعمال ٿيل اڳ واري گهر جي سرن کي صاف ڪري ڊي پي سي ۾ استعمال ڪرڻ جو ٻڌو تہ مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي. منهنجي گهر جي تعمير جو ڪم شروع ٿيو تہ مون پاڻ ۽ منهنجي مڙسمزدوري ڪئي.” مير خاتون پنهنجي گهر جي نئين سر تعمير بابت وڌيڪ ٻڌايو. نيٺ ڪالهہ مير خاتون جي خواب جي ساييان ان وقت تي

جڏهن هن پنهجو لڏو سالن جي نهيل جهوپڙي مان پنهنجي نئين تعمير ٿيندڙ (خطرن کي منهن ڏيڻ واري گهر) ۾ منتقل ڪيو.

يقينن اڄوڪو ڏينهن ميم خاتون لاءِ سالن کان ڏسندڙ پڪي گهر وارو خواب ساپيان ٿيو آهي، جيڪو نہ صرف ميم خاتون پر پوري سنڌ جي غريب ۽ انهن مسڪين ماڻهن لاءِ اتساهہ پيدا ڪندو.

*تحرير: رحيم ابڙو سرسو لاڙڪاڻو آفيس*

## بدين جي 11 عورتن هڪ مثال قائم ڪري ڇڏيو هاري عورتن فيصلو ڪيو تہ رڳو هاريون نہ ڪبو پر فصل جو سئو سيڪڙو مالڪ بہ پاڻ هونداسين

### ڳوٺ حاجي صالح وڏ يو سي سيراڻي ، بدين

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ سنڌ حڪومت انهن جي مدد ڪئي ۽ انهن 25 ايڪڙ زمين مقاطعي تي وٺي محنت ڪئي ۽ فصل جون مالڪ ٿي ويون.

ڳوٺ حاجي صالح وڏ يو سي سيراڻي جون هي هاري مزدورعورتون هاڻي مزدور نہ رهيون آهن، اهي 25 ايڪڙن تي بيٺل فصل جون مالڪ آهن. مائي ذڪيہ جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ جي عورتنگڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Group-BDG) جوڙي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF) هيٺ وياج کان بغير ڪاروباري قرض ورتو. ان قرض کي استعمال ڪري زمين مقاطي تي وٺي آباد ڪئي، هي سنڌن ٽيون فصل آهي.



زمين تي مزدور ٿيڻ کان وٺي فصل جي مالڪي تائين جو سفر سندن زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي کڻي آيو آهي. جيڪڏهن ماڻهو ڪوشش ڪن، حڪومت ۽ ادارا مدد ڪن تہ غربت گهٽائي سگهجي ٿي. حالتون تبديل ٿي سگهن ٿيون.

بدين سنڌ جي هن هاري پورهيت ذڪيہ جي خوشي جو ڪو تصور ڪري سگهي ٿو؟

”آئون انهن يارنهن عورتن مان هڪ آهيان، جن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ حڪومت سنڌ جي مالي مدد سان 24 ايڪڙ زمين مقاطي تي وٺي آباد ڪئي ۽ هاڻي انهن زمينن ۾ سارين جو فصل تيار آهي.اسين مزدور هارياڻيون ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Group-BDG) جوڙي گڏيل طور ٽن سالن کان هن زمين تي مختلف فصل اُپائي رهيون آهن. ” عورتن جي زرعي زمين جي ڪاروباري ترقياتي گروپ جي ليبر ذڪيہ ٻڌايو



عورتون هاري پورهيت مان آبادگار بڻجي رهيون آهن.هي سنڌ ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جو هڪ وڏ مثال آهي.

سرسو سنڌ حڪومت جي عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ عورتن جا ڪميونٽي ادارا جوڙي، انهن جي صلاحيت سازي ڪري ۽ بغير وياج ڪاروباري قرض مهيا ڪري سماجي ۽ معاشي ترقي جا مقصد حاصل ڪري رهي آهي.

**تحرير : قاضي آصف، ڪراچي**

# ”ڍورن جي پرورش ذريعي، اسان خوشحالي جا ٻج پوکيون ٿا“

*ڳوٺ ابدال يوسي همايون، ضلعي شڪارپور*

درناز بيبي زال گل محمد ڳوٺ ابدال، يوسي همايون، ضلعي شڪارپور، سنڌ جي ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ رهي ٿي. هي ڇهن ٻارن جي ماءُ آهي.سندس خاندان مالي مسئلن جي وڙ چڙهيل هو، ڇاڪاڻ ته هن جو مڙس ٻين جي زمين تي هاري جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن منافعي لاءِ جانورن جو واپار به ڪندو هو. انهن کي ختم ڪرڻ ۾ اهم چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو.

**ابتدائي چئلينج:**

درناز بيبي، پنهنجي محنتي طبيعت جي ڪري ڳوٺ ۾ مشهور آهي، هن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو چوپائي مال جي سارسنڀال ڪندي پنهنجي خاندان جو سهارو بڻيل هئي. مال جي سنڀال جو سمورو ڪم هن ۽ ٻارن جي ذميداري هئي. هن جي ڪوششن جي باوجود، انهن کي انتهائي مالي مشڪلاتن جي دورن کي منهن ڏيڻو پيو.

**PPAF-گورنمينٽ آف پاڪستان ۽ SRSO پاران مداخلت:**

” اسان جي زندگي ۾ اهم موڙ تڏهن آيو جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشنSRSO پاڪستان پاورٽي ايليوئيشنPPAF-گورنمينٽ آف پاڪستان پاران فنڊ ڪيل بغير وياج قرض پروگرام ( Interest Free Loan (IFL) Programme) اسان جي ڳوٺاڻي تنظيم سان متعارف ڪرايو. پروگرام اسان کي ڏاڍو پسند آيو ۽ مون پنهنجي مڙس سان صلاح ڪري 40,000 روپيا قرض لاءِ درخواست ڏني ۽ چيو ته هڪ لاڳ ڳئون خريد ڪري پاليندي ۽ ان مان حاصل کير وڪرو ڪري سال جي اندر ورتل قرض واپس به ڪندي.“ دُرناز پنهنجي قرض حاصل ڪرڻ جي ڪهاڻي خوشي سان بيان ڪندي چيو.

هن وڌيڪ ٻڌايو ته ” قرض کڻي اسان هڪ ڳئون خريد ڪئي، جنهن کي پاليو، خوش قسمتي سان ان مان هڪ ڳابي پيدا ٿي.هينئر مهنجي مال جي ٻنهي اثاثن جي ڪُل قيمت PKR 110,000/= تائين پهچي وئي آهي. ڳئون روزانو 4 ليٽر کير ڏئي ٿي، جنهن مان 2 ليٽر گهر جي استعمال ۾ آڻي روزانو 240 خرچ بچايا ٿو ۽ 2 ليٽر وڪرو ڪري به کيان ٿي، جنهن مان روزانو 240 رپيا ڪمائي حاصل ٿي جيڪا بچائي گهر جي ضرورتن جو پورائو ڪريون ٿا.“

در ناز ٻڌايو ته کير جي بچت مان هن پنهنجي وڏي پٽ علي حسن لاءِ هڪ لوڊر رڪشا ۾ به سيڙپڪاري ڪئي، جنهن سان هو خاندان جي آمدني ۾ حصو وٺي سگهي ٿو.

مالي مشڪلين جي باوجود، خاندان تعليم کي ترجيح ڏئي ٿو. سندن ننڍو پٽاعزاز علي، ويجهي پرائمري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪري ٿو، جيڪو هن جي تعليم ذريعي غربت جي چڪر کي ٽوڙڻ جي عزم جو اشارو ڏئي ٿو.

بغير وياج قرض پروگرام جي سهڪار ۽ سندن محنت سان، درناز بي بي ۽ گل محمد پاڻ کي سخت غربت مان ڪڍي چڏيو آهي. انهن پنهنجي جانورن جي ڪاروبار کي وڌايو آهي ۽ انهن جي اثاثن کي بهتر ڪيو آهي، جنهن سان سندن خاندان پائيداربنيادن تي غربت جي منحوس چڪر مان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن.

”اسان جو خاندان پاڪستان جي حڪومت PPAF-IFL ۽ SRSO جا ٿورائتا آهيون. انهن جي مدد ۽ رهنمائي، جنهن IFL قرض جي صورت ۾ امداد جي هڪ نسبتاً ننڍڙي پر اهم ذريعن سان سندن زندگيون بدلائي ڇڏيون آهن. اها مدد اسان جي خاندان ۾ هڪ روشن مستقبل لاءِ اميد پڻ پيدا ڪئي آهي.“ در بيبي ۽ گل محمد گڏيل طور چون ٿا.



*تحرير: سلمان منگي (مانيٽرنگ آفيسر انٽريسٽ فري لون پروگرام ڪشمور ۽ شڪارپور)*

كميونٽي ادارا: هڪ تعارف

# سرواڻ بزنس ڊولپمينٽ گروپ

## معاشي پائيداري ۽ خودمختياري لاءِ ڪم ڪندڙ ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جو گڏيل گروپ

**پير جو ڳوٺ، يونين ڪائونسل ديرو، ضلعو لاڙڪاڻو، سنڌ**




سرواڻ بزنس ڊولپمينٽ گروپ (Business Development Group-BDG) ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي هنر ۽ حوصلي جي ڪهاڻي متاثر ڪندڙ آهي ۽ ڏيکاري ٿي ته ڪيئن پهراڙيءَ جي عورتن، هٿ جي هنر کي سنڌن روايتي ۽ هٿ سان ٺهيل هنر کي بهتر بڻائڻ ۽ مارڪيٽ ڪرڻ ذريعي پاڻ کي بااختيار بڻائڻ واري واٽ اختيار ڪئي آهي.؟

### سرواڻ – هنري ڪاروباري ترقياتي گروپ جو قيام

سرواڻ بزنس ڊولپمينٽ گروپ (BDG)، پير جو ڳوٺ يونين ڪائونسل ديرو، ضلعو لاڙڪاڻو، سنڌ ۾ هٿ جي هنر سان لڳاپيل پهراڙيءَ جي عورتن جو گڏيل فورم آهي. شروعاتي طور تي، اهو 2019 ۾ قائم ڪيو ويو. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران آر ايس پي اين جي سهڪار ۾ EU جي مالي مدد سان ڪميونٽي ترقي ۽ غربت گهٽ ڪرڻ لاءِ SUCCESS پروگرام، 2016-2022 دوران لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعن ۾ ڪاميابي سان عمل ۾ آندو ويو. گروپ کي 2023 ۾ SRSO-Crafts Enterprise Development (CED) پاران ٻيهر فعال ڪيو ويو. هن وقت BDG سرواڻ ۾ 55 هنرمند عورتون شامل آهن، جيڪي مختلف دستڪاري هنرن خاص طور تي هُرمچو ۾ ماهر آهن. گروپ جو مقصد پنهنجي رُڪن عورتن کي مهارتن جي واڌ،

| ضلعو | تعلقو | يونين ڪائونسل | ڳوٺ |
|---|---|---|---|
| لاڙڪاڻو | لاڙڪاڻو | ڏيرو | پير جو ڳوٺ |
| قائم ٿيڻ جو سال | ميمبرشپ | مکيہ هٿ جو هنر | هُنري شيون |
| 2019 | 55 | هُرمچو، ڪچي سوئي، ڪنڊي | رلي، آئيني جو ڪم، بستري جون چادريون، شوالز ۽ اسٽولرز |

مارڪيٽنگ ۾ دستڪاري جي فروغ ذريعي آمدني پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي تہ جيئن سندن گهراڻي جو جياپو بهتر ٿئي.
“ڳوٺاڻي عورتن وٽ مختلف مهارتون آهن ۽ اهي ڪجهہ هنرن ۾ ماهر بہ آهن. جيڪي پنهنجي استعمال لاءِ دستڪاري تيار ڪنديون آهن، جهڙوڪ: گهرو استعمال، ڏاج، مهمانن يا شادي جي تقريبن ۾ تحفن طور استعمال بہ ڪنديون آهن پر اهي پنهنجي هنر ۽ ٺاهيل شين کي آمدني يا ڪاروباري سطح تي وڪڻڻ لاءِ استعمال ناهن ٿينديون.” گروپ ليڊر ارشاد بانو ٻڌايو.

”جيتوڻيڪ BDG جي ميمبرعورتن جو واسطو غريب گهراڻن سان آهي ۽ هو پنهنجي دستڪاري ۾ ماهر آهن، پر اهي پنهنجي روزي روٽي لاءِ ڪافي آمدني پيدا نٿيون ڪري سگهن. گهڻيون عورتون سوچينديون هيون تہ اسان جي اها روايت ناهي تہ اسان پنهنجون هٿ جون ٺاهيل شيون مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيون. اسان جڏهن ڪاروباري گروپ جوڙيو ۽ ڪاروبار شروع ڪيو تہ اهو اسان لاءِ وڏو مسئلو هو جنهن کي اسان کي منهن ڏيڻو پيو.”گروپ ليڊر ارشاد بانو وڌيڪ ٻڌايو.

36سالن جي ارشاد بانو 4 ٻارن (2 پٽ ۽ 2 ڌيئون) جي ماءُ آهي. هوءَ هڪ گهريلو عورت آهي ۽ سندس مڙس روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ مزدور آهي. پاڻ سرسوپاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن ( ڪميونٽي آرگنائيزيشن، وليج آرگنائيزيشن ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن) جي سرگرم ڪارڪن آهي. جنهن جي ڪري هوءَ UCمنو ڏيرو جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي چيئرپرسن بڻجي وئي. جيڪو SUCCESSپروگرام تحتسرسوپاران قائم ڪيل 19 ڳوٺاڻي تنظيمن ((Village Organizations-VOsجو گڏيل فورم آهي.

## هنرمند عورتن جي ترقي لاءِ سرسو جا ورتل اُپاءُ

جيئن تہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ روايتي سوچ ڪري هٿ جي



هنر کي مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ کي غلط سمجهيو ويندو آهي ۽ هنر کي آمدني ۽ روزگار جو ذريعو سمجهي ڪري ڪم ڪرڻ بابت ڄاڻ نہ هئي. ان ڪري سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) شروع ۾ ئي ان سوچ کي تبديل ڪرڻ ۽ هٿ جي هنر کي بہ روزگار جو ذريعو بڻائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو ويو. ان لاءِ گڏجاڻين ۾ ان تي زور ڏنو ويو ۽ هنرمند عورتن جي سوچ ۽ روين ۾ بهتري آندي وئي. ان کان پوءِ ٺاهيل شين کي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري بهتر آمدني حاصل ڪرڻ گڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپ (Bussiness Development Group-BDG)جوڙيو ويو ۽ ٽيون روايتي هنرن کي مارڪيٽ جي ضرورت مطابق تبديل ۽ بهتر ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو ويو ۽ انهن شين جي بهتر مارڪيٽنگ ڪرڻ جي لاءِ عملي اُپاءَ ورتا ويا. SRSO-CEDزندگي جي مهارتن جي انتظام (LFM) بابت

تربيت سيشن منعقد ڪيا ۽ مالي انتظامڪاري ۽ اي-مارڪيٽنگ لاءِ اوزار پڻ فراهم ڪيا، جنهن سان گروپ ڪي آمدني، خرچ ۽ ورهاست ڪي موثر طريقي سان سنڀالڻ ۾ مدد ملي. SRSO-CED BDG جائيڪا ۽ عورتن جي ترقي واري ڊپارٽمينٽ جي منصوني هيٺ 5 ضلعن ۾ ڊجيٽل مهارتون ۽ مارڪيٽنگ بابت تربيت پڻ ڏني ۽ سندن دستڪاري جي اِي-مارڪيٽنگ لاءِ موبائيل مهيا ڪيا.

”سرسو جي تربيت، مهيا ڪيل سامان ۽ مسلسل رهنمائي ۽ فني مدد سان سرواڻ بي ڊي جي پنهنجي رڪن هنرمند عورتن جي هنرن ڪي بهتر ڪيو ۽ وڪرو ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ ان جي اي-مارڪيٽنگ بہ شامل آهي. ڊجيٽل مارڪيٽنگ جي مهارتن ۽ سماجي ميڊيا پليٽ فارمز استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اسان بهتر ڪاروبار شروع ڪيو ۽ آمدني حاصل شروع ڪئي“ گروپ ليڊر ارشاد بانو سرسو پاران ورتل اپائن بابت ٻڌايو. هن وڌيڪ چيو: ”گروپ ڪي پرڏيهي ملڪن مان بہ آرڊرز ملي رهيا آهن، جيڪي سندن ڪم جي وڌندڙ سڃاڻپ ڪي ظاهر ڪن ٿا ۽ گڏوگڏ گروپ ۾ هڪ بچت ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي تہ جيئن مستقبل ۾ گروپ جي ميمبرن جي مدد ڪري سگهجي“



شوالز، رلي جو ڪم، آئيني تي ڪم، ڪرتيون ۽ اسٽولرز تيار ڪرڻ جا آرڊرز 2023-2024 دوران Crafts Enterprise Development (CED) پاران سروان گروپ ڪي ڏنا ويا. SRSO-CED پنهنجا هنر Sartyoon Sang Outlet ، Sartyoon Sang Exhibitions ۽ اي-مارڪيٽنگ ذريعي مارڪيٽ ڪري ٿو، جنهن سان انهن 171,400 روپيا ڪمائي ورتا.

”اسان SRSO-CED جا ٿورائتا آهيون، جن نہ صرف مهارتن جي تربيت ۽ باقاعده ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪئي، پر گروپ جي هنرمند عورتن جي بهتر آمدني پيدا ڪرڻ لاءِ دستڪاري تيار ڪرڻ جا آرڊرز پڻ ڏنا ۽ انهن ڪي مختلف نمائشن ذريعي فروغ ڏنو. اسان گروپ جي عورتن ڪي دستڪاري جي آرڊرن مطابق شامل ڪندا آهيون ۽ رڪنن جي مهارتن مطابق آمدني ورهايون ٿا.“ گروپ ليڊر SRSO جو شڪريو ادا ڪندي چيو.

## سرواڻ- ڪنيل قدم ۽ حاصل ڪاميابيون

گروپ ليڊر ارشاد بانو ۽ سب ليڊر گل خاتون اعتماد سان چون ٿيون تہ بهتر تربيت، مسلسل رهنمائي ۽ سهولتن سان، اسان مارڪيٽ سان مضبوط ڳانڍاپا قائم ڪري سگهون ٿا ۽ پنهنجي هٿ جي هنرن ڪي مارڪيٽ ڪري آرڊرز حاصل ڪري سگهون ٿا. اهي پنهنجي ڪاميابين بابت ٻڌائين ٿيون.

”سرسو پاران مليل آرڊرگروپ جي 15 دستڪار عورتن جي وچ ۾ سندن مهارتن مطابق ورهايو. گروپ پنهنجا ڪم مڪمل ڪري SRSO کان ادائيگي وصول ڪئي، جيڪا ڪم ڪندڙ هنرمند عورتن ۾ برابر ورهايل وئي. اهو BDG جي وڏي ڪاميابي هئي. جنهن سان اسان ڪي هڪ بزنس گروپ طور سڃاڻپ ملي ۽ رڪن عورتن ۾ اعتماد آيو. اسان پنهنجو دستڪاري سماجي ميڊيا ذريعي پروموٽ ڪندا آهيون ۽ دستڪاري سان محبت ڪندڙ اسان جو ڪم ڄاڻن ٿا ۽ سڌو اسان سان رابطو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ BDG-Sarwan کي پرڏيهي ملڪن مان بہ آرڊرز مليا آهن، هڪ عمان مان ۽ ٻيو سعودي عرب مان، جتي مقامي ماڻهو آهن.“

”پهرئين آرڊر ۾، اسان 15 سنڌي پرٽ جا لباس تيار ڪيا 70,000 رپين ڪمايا ۽ 5 رڪن هن آرڊر تي ڪم ڪري ڊسمبر 2023 ۾ مڪمل ڪيا. ان دوران، 3 بلوچي پرٽ جا لباس تيار ڪيا ويا، جن لاءِ 35,000 رپيا وصول ڪيا ويا ۽ هن ڪم ۾ گروپ جي 3 عورت دستڪار شامل ڪيون ويون.“

سرواڻ بزنس ڊولپمينٽ گروپ جي رڪن پنهنجي آمدني مان ڪجھ بچت ڪري ڪميٽي پڻ شروع ڪئي آهي. ان جو مقصد بچت جي عادت وجهڻ ۽ ڏکي وقت ۾ رڪن جي

مدد ڪرڻ. اسان پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ گروپ جي پائيداري تي بہ ڌيان آهي تہ جيئن پنهنجو ڪم بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رکي سگهون."

گل خاتون ڪاروباري گروپ جي سب ليڊرآهي،جيڪا خاص طور تي هُرمچو دستڪاري ۾ ماهر آهي چئي ٿي تہ. "اسان سڀئي گهر ۾ ڪم ڪندا هئاسين پر وڪرو نہ پئي ڪري سگهيا سون پر هاڻي سمجهون ٿا تہ اسان ۾ هنر آهي، اهو وڪري ڪري سٺو ڪمائي بہ سگهجي ٿو ۽ سڀ منهنجي دستڪاري جي تعريف ڪن ٿا. جيڪا منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهہ آهي."



گروپ جي هڪ ٻئي ميمبر زاهده پروين چئي ٿي تہ "اسان هڪ ٻئي کان سکندا آهيون ۽ پنهنجون مهارتون، ڄاڻ ۽ سوچ بهتر بڻايون ٿا" "مان 2019 کان ئي گروپ جي ميمبر آهيان. منهنجا 6 ٻار آهن، ۽ مان پنهنجي هنر مان ڪمايل آمدني کي ٻارن جي تعليم، صحت ۽ انهن جي ضرورتن لاءِ استعمال ڪيان ٿي." عابده مائي ٻڌائي ٿي.

## مستقبل جو منصوبو

BDG سرواڻ جو منصوبو آهي تہ لاڙڪاڻو شهر ۾ هڪ جنرل ۽ دستڪاري وڪرو اسٽور قائم ڪيون تہ جيئن ڳوٺاڻي عورت جي دستڪار واري ڪم کي وڌيڪ فروغ ۽ مارڪيٽ ڪري سگهجي.

سرواڻ BDGعورتن کي مهارتن جي ترقي، هٿ جي هنر کي ڪاروبار بڻائڻ، ڪاروباري صلاحيتن ۽ سماجي-ثقافتي رڪاوٽن کي پار ڪرڻ ذريعي بااختيار بڻائڻ جو نمايان مثال



آهي، جيڪو کين آخرڪار اقتصادي پائيداري ۽ خودمختياري جي واٽ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.



سهيڙيندڙ: علي انوار آزاد اسسٽنٽ مئنيجرڪميونيڪيشن ۽ ڊاڪيومينٽيشن MER ۽ حاجاڻي مهر سينئر پروگرام آفيسر CED هيڊ آفيس سکر (سنڌ)

نيوز اسٽوريز

# ڪميونٽي ادارن جي انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ پارليامينٽرين، لائين ڊپارٽمنٽس، سول سوسائٽي، ميڊيا، مقامي چونڊيل نمائندا، سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي.



ٺٽو / 01 آڪٽوبر 2024

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن جي انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس ( Managerial Activist Conference-MAC)ڳوٺ لکو بانيارو يونين ڪائونسل چاڙو چند ضلعي ٺٽو ۾ منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جوپروگرام (Poverty Reduction Program-PPRP) Peoples' هيٺ لاڳاپيل ڌرين کي هڪ گڏيل پليٽفارم فراهم ڪرڻ جي مقصد سان ڪئي وئي. هن ڪانفرنس جو مقصد خاص طور تي پارليمنٽرين، حڪومت جي کاتن، ۽ CSOsکي ڳوٺاڻين عورتن سان ملڻ، انهن جي مسئلن ۽ سنڌ حڪومتجي پي پي آر پي منصوبي جي اثرن جو جائزو وٺڻ هو. ڪانفرنس ۾ 150 کان وڌيڪ ڳوٺاڻي عورتن جي اڳواڻن ۽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙن شرڪت ڪئي.

ڪانفرنس ۾ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن پروگرام جي اهم سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت ٻڌايو ويو. جيڪي PPRP تحت عورتن کي خودمختيار بڻائڻ ۾ اثرانداز ٿيون ۽ ڳوٺاڻي ڪميونٽين کي سامهون ايندڙ اهم مسئلن تي ڳالهايو. خاص طور تي اهم سماجي للڪارن جهڙوڪ: غربت، ننڍپڻ جي شادي، ترقياتي سهولتن جي کوٺ، روزگار جا گهٽ موقعا ۽ ڇوڪرين جي تعليم جي کوٽ کي حل ڪرڻ.

ڪانفرنس ۾ محترمہ سعديہ جاويد- پارليامينٽري سيڪريٽري ۽ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي ميمبر، محترمہ تنزيلا امِ حبيبا- صوبائي اسيمبلي جي ميمبر، امتياز حسين شاھ شيرازي-سابقMPA ، پرويز احمد چانڊيوDG-PPRP – ، نياز احمد ميمڻ- ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمنٽ، ماهين سومرو- چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر، محمد ڏتل ڪلهوڙوCEO-SRSO ، خادم حسين شر- ريجنل مئنيجر، SRSO، آصف علي – مئنيجر SRSOڪميونيڪيشنز، رقيہ - مئنيجر، SRSOحيدرآباد ريجن، . عذرا ڪلهوڙو - سينيئر اينٽرپرائيز آفيسر، طارق احمد ڪورائي - ضلعي مينيجر SRSO ٺٽو ۽ مختلف لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز (LSOs) جا اڳواڻ،



ميڊيا ۽ SRSO ٽيم جا ميمبر موجود هئا.
محترمہ سعديہ جاويد(پارليمينٽري سيڪريٽري ۽ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ Sindh-ميمبر)۽ محترمہ تنزيلا قمبراڻي (صوبائي اسيمبلي جي ميمبر) ڪانفرنس جا خاص مهمان هئا. انهن SRSO پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن (CIs) جي ڳوٺاڻي عورتن سان ڳالهايو. جنهن ۾انهن ڀهراڙي جي ترقي ۽ عورتن جي خودمختياري جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ سماجي چيلينجز کي حل ڪرڻ لاءِ پائيدار حل جي ضرورت تي زور ڏنو. پنهي پارليمنٽرين عورتن کي خودمختيار بڻائڻ ۽ غربت گهٽائڻ لاءِ مستقبل ۾ ترقياتي قدمن جي منصوبہ بندي ۽ ترقي ۾ پنهنجي ڀرپورمدد جو يقين ڏياريو.
محمد ڏتل ڪلهوڙو (CEO-SRSO) سنڌ ۾تنظيم جي ڪردار جو جائزو پيش ڪيو۽ PPRP جو سماجي ۽ معاشي تبديلي واري اثرن تي روشني وڌي، پاڻ ڳوٺاڻي عورتن جي پروگرام۾سرگرم شرڪت ۽ ڪردار جي تعريف ڪئي. جڏهن تہ محترم پرويز احمد چانڊيو (DG-PPRP-GoS) عورتن پاران بيان ڪيل ڪهاڻين بابت پنهنجا خيال پيش ڪيا ۽ چيو تہ عورتن جو هن پروگرام جي عملدرآمد ۾ اڳواڻيءَ وارو ڪردار آهي ۽ ان جا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مرڪزي اهميت رکي ٿو.
ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن ۽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن جي لاءِ مالي خودمختياري جي اهميت تي زور ڏنو. جن عورتن سرسوجي پروگرام مان فائدو حاصل ڪيو آهي، پنهنجي ذاتي ڪاميابي جون ڪهاڻيون ٻڌايون، جن سندن زندگي ۾ مثبت تبديلي آندي آهي.انهن سماجي مسئلن، جهڙوڪ ننڍي عمر جي شادينءَ ڳوٺن ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي کوٽ تي پڻ ڳالهايو. ايل ايس اوجي عورت اڳواڻن انهن سيني للڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻ مدي واري منصوبابندي جو مطالبو ڪيو. ان لاءِ سيني ادارن ۽ ڌرين کي پنهنجو ڀرپورڪردار ادا ڪرڻ تي زور ڏنو.
ڪانفرنس جي مکيہ مهمانن چونڊ ڪيل گهراڻن ۾انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ ((EDF، گهٽ خرچ وارن گهرن ((LCH۽ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ ( (CIFجا چيڪ ورهايا.. سرسو ضلعي جي ٽيمسيني شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو جن ڪانفرنس ۾ ڀرپور شرڪت ڪري ان کي يادگار بڻايو.
سهيڙيندڙ: *طارق حسين ڪورائي (ڊسٽرڪٽ مئنيجر ٽنڊو سنڌ)*





*سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن جي انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس (Managerial Activist Conference-MAC) ڳوٺِ لکهو بانياړو يونين ڪائونسل چاڙو چند ضلعي ٽنڊو ۾ ڳوٺاڻن عورتون عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP)هيٺ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ-حڪومت سنڌ (GoS) جي سهڪار سان شروع ڪيل ڪاروبارن جا اسٽال لڳايا. اسٽال تي اهڙين شين جي نمائش ڪئي وئي، جيڪي ٺٽي ۾ عورتن جي اڳواڻي ۾ ٺيندڙ ڪاروبار جي معاشي صلاحيت کي ظاهر ڪن ٿيون ۽ سرسوجي ڪوشش جي ڪاميابي کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿو. مهماننا سٽالن جو دورو ڪيو، جتي ڪاروباري عورتن پنهنجن ڪاروبارن بابت آگاهي ڏني ۽ انهن جي زندگين ۽ روزگار تي پوندڙ اثرن بابت تفصيل سان ٻڌايو.*
*مهمانن ڳوٺاڻي تنظيم پارانوڻ پوکڻ واري تقريب ۾ بہ حصو ورتو، جيڪا ڪميونٽي جي ترقي، پائيدار ماحولياتي تبديلي، ۽ سرسو جي جاري GreenSindh #مهم جي علامت هئي. ان کان علاوه، وفد PPRP-GoSتحت تعمير ٿيل گهٽ خرچ وارن گهرن جودورو ڪيو۽ گهرن جي تعمير واري ڪم جي واکاڻ ڪئي.*

# مون سون برساتون 2024 جاراڱا سرسو جون هنگامي امدادي سرگرميون

هڪ جائزو



سال 2024ع جي آگسٽ مهيني ۾پيل مون سون برساتن پاڪستان جي مختلفصوبن ۾ تباهي آندي، خاص طور تي سنڌ جي ڏکڻ وارن ضلعن جهڙوڪ: ٺٽو، بدين، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ ۾ تيز برساتن سبب وڏي پيماني تي ٻوڏ ۽ وهڪرا پيدا ٿيا، جن سر نالن کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ انساني آبادي، روزگار، فصلن ۽ بنيادي تعميراتي ڍانچي کي وڏو نقصان پهچايو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) طرفان پنهنجي ڪم واري ضلعن ۾ نقصانن ۽ ضرورتن جي شروعاتي تڪڙي جاچ (Initial Rapid Assessment-IRA) جو آغاز ڪيو ويو.هي ڪم ضلعي مئنيجرز جي اڳواڻيءَ ۾ ايم اِي آر ۽ سوشل موبلائيزيشن جي ٽيمن، ڪميونٽي ادارنۦ رضاڪارن جي مدد سان 9 ضلعن ۾ ڪيو ويو.IRA جي ابتدائي جائزي مطابق، سنڌ هن سال ٻه خاص طور تي سخت مون سون کي منهن ڏنو آهي، جنهن ۾ تيز برساتن سان گڏ خاص طو برساتي نالين جو ٽٽڻ ٻه شامل آهي. جنهن بيٺل فصلن کي نقصان پهچايو، چوپايي مال ۾ بيماريون پيدا ٿيون، انساني صحت لاءِ خطرا پيدا ٿيا، ڳوٺن مان لڏپلاڻ ٿي ۽ ڪميونٽي ڍانچي کي وڏو نقصان پهتو.

سرسو جي تفصيلي شروعاتي تڪڙي جاچ ( IRA)کان پوءِ پنهنجي ڪم واري علائقن ۾ فوري امدادي خدمتون شروع ڪيون، ته جيئن برسات جي نقصانن جو شڪار ٿيل علائقن ۾ هنگامي بنيادن تي ضلعي انتظاميه جي سهڪار سان بنيادي ضرورتون پوريون ڪيون. آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي مهينن دوران، 4 ضلعن (بدين، ٺٽو، ميرپورخاص، ۽ سانگهڙ) ۾ 9 رليف ڪيمپون (5 خشڪ

راشن ۽ 4 چوپائي مال لاءِ) منظم ڪيون ويون. انهن ڪئمپن ۾ 503 خشڪ راشن جا ٿيلها ورهايا ويا ۽ 1,224 جانورن جو علاج ڪيو ويو، ته جيئن متاثر ٿيل خاندانن کي فوري مدد مهيا ٿي سگهي.

## ابتدائي امداد جو تفصيل

- 703 خشڪ راشن جا ٿيلها سڀ کان وڌيڪ متاثر4 ضلعن ۾ ورهايا ويا.
- 2،224 جانورن کي ويڪسينيشن ۽ علاج فراهم ڪيو ويو.
- بدين ضلعي ۾ قائم ڪيل ٽينٽ سٽي ۾ 10 عارضي ليٽرين جو قيام.





| ضلعي جو نالو | منظم ٿيل رليف ڪيمپس | ورهايل خشڪ راشن جا ٿيلها | نصب ٿيل عارضي لٽرينز | علاج ڪيل چوپائي مال |
|---|---|---|---|---|
| بدين | 3 | 400 | 10 | 0 |
| ٺٽو | 2 | 28 | 0 | 779 |
| ميرپورخاص | 5 | 150 | 0 | 1445 |
| سانگھڙ | 2 | 125 | 0 | 0 |
| ڪل | 12 | 703 | 10 | 2،224 |

## وڌيڪ متاثر ٿيل ۽ ڌتڙيل خاندانن لاءِ کاڌي پيتي واري سامان جي ورهاست



سرسوضلعي انتظاميہ ۽ ڪميونٽي ادارن (COs، VOs، ۽LSOsسان گڏجي سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعن (ٺٽو، بدين، ميرپورخاص، ۽ سانگھڙ) ۾ رليف پهچائڻ کي يقيني بڻايو. هن مقصد لاءِ، متاثر ٿيل علائقن ۾ راشن ورهايو ويو، جتي برساتن ۽ سم نالين جي ٽٽڻ سبب گهڻو نقصان ٿيو. هر علائقي ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيل گهراڻن جي سڃاڻپ ڪئي وئي، جن کي شروعاتي جاچ ذريعي مدد فراهم ڪئي وئي. ڪل 703 راشن جا ٿيلها، جن ۾ هڪ خاندان جي هڪ مهيني جي خوراڪ لاءِ ضروري شيون شامل هيون، سرسو پاران قائم ڪيل ڳوٺاڻين تنظيمن ۽ رضاڪارن جي مدد سان متاثر خاندانن ۾ ورهايا ويا.





## مفت چوپائي مال جي ويڪسينيشن/علاج جون ڪئمپون

برسات متاثر علائقن جي حالتن کي نظر ۾ رکندي، سرسوجي ميرپورخاص ۽ ٿٽو آفيسن پاران مفت چوپائي مال جي ويڪسينيشن ۽ علاج جون ڪيمپون لڳايون ويون.انهن ڪيمپن کي لائيو اسٽاڪ ۽ اينيمَل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ سان گڏ منظم ڪيو ويو، جتي جانورن کي عام برسات کان پوءِ ٿيندڙ بيمارين کان بچائڻ لاءِ ويڪسين ۽ علاج فراهم ڪيو ويو. خاص طور تي، فلو، بخار، چنڪ، پيرن ۽ وات جون بيماريون، زخم، جوڙن ۽ عضون جو سور، چمڙي جون بيماريون ۽ هاضمي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ علاج ڪيو ويو. هي هنگامي امدادي مهم ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ هئي ته مقامي ماڻهن جو قيمتي چوپايو مال بيمارين کان محفوظ رهي، خاص طور تي انهن حالتن ۾ جتي تيز برساتن سبب بيمارين جي وبا پکڙجڻ جو خطرو وڌي ويو هو.



ڪئمپن دوران، 2،224 جانورن (ننڍن ۽ وڏن جانورن) جو علاج ڪيو ويو، ته جيئن انهن کي برسات کان پوءِ ٿيندڙ عام بيمارين کان محفوظ رکي سگهجي.

## عارضي ليٽرين جي تعمير

2024 مون سون برساتن خاص طور تي بدين ۾ تعمير ٿيل سم نالن ۾ پاڻي جا وهڪرا وڏيڪ اچڻ ڪرڻ ٽٽي پيا. اهڙي صورتحال بدين جي تعلقي شهيد فاضل راهو تعلقي ۾ پيدا ٿي ۽ ڪجهه ڳوٺ وڏيڪ متاثر ٿيا. جنهن لاءِ ضلعي انتظاميه عارضي ريليف ڪئمپون پڻ قائم ڪيون ۽ متاثر خاندانن کي شيلٽر جون سهولتون مهيا ڪيون. ان لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) کي عارضي ليٽرين (Temproary Latrines)تعمير ڪرڻ جي ذميداري ڏني وئي. ان لاءِ سرسو ٽيم رضاڪارن جي مدد سان ڪئمپن واري جڳهه تي رهائشي خاندانن لاءِ 10 عارضي ليٽرين تعمير ڪيون.



*سهيڙيندڙ: احمد خان سومرو (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو بدين سنڌ)*

پيورُخ

# سنڌ جي ڳوٺاڻي عورتن جو ننڍن ڪاروبارن ڏانهن لاڙو

قاضي آصف، ڪراچي




اسان وٽ سماج کي ڏسڻ ۽ پرکڻ لاءِ هڪ عجيب معيار ناهيو ويو آهي ته منفي، ناڪاري ڳالهه ئي درست تجزيو چئي سگهجي ٿو. جڏهن ته ان سلسلي ۾ اسان کي بردبار ٿي، گهڻ پاسائين جاچ جوچ ڪري پنهنجي ڳالهه ڪرڻ گهرجي.

سماج جو درست تجزيو زميني حقيقتن کي سامهون رکي ئي ڪري سگهجي ٿو. ٻڌل ڳالهيون، حوال، هل هنگامي ۾ "مقبول بياني" جي ور چڙهي اسان ڪيترين ڳالهين کي نظر انداز ڪري، اها ڳالهه ڪندا آهيون، جيڪا اسان جي ڪنن کي ٻڌڻ ۽ اکين سان پڙهڻ ۾ اسان جي مرضي واري هجي. پلي اها مڪمل يا ڪنهن حد تائين غلط ڇو نه هجي.

ٻيو اسان سماج جو تجزيو ڪندي معجزن جا خواهشمند هوندا آهيون. جيئن ذهن ۾ خيال اچي، جيئن سوچجي، يا جيڪا خواهش هجي، ائين هاڻي جو هاڻي ٿي پئي. جيئن ڇئون ٿا ائين ٿئي ڇو نه ٿو؟ تيئن، نه ٿيڻ جي حوالي سان ان جي سببن بابت ايمانداري سان سماج جو تجزيو ڪريون ئي نه ٿا.

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي حوالي سان اسان وٽ هڪ سوچ آهي ته اهو عورتن کي پنڻ تي هيرائڻ جو منصوبو آهي، ان سان عزت نفس مجروح ٿئي ٿو. ڇو ته هن مضمون جو موضوع بينظر انڪم سپورٽ پروگرام ناهي، انڪري ان تي تفصيل سان لکي ٻ نٿو سگهجي، مون هتي هن منصوبي جو ذڪر مثال طور ڪيو آهي. هڪ هزار يا ٽن هزارن جو قدر انهن کان پڇو جيڪي غريب مسڪين عورتون، سئو روپين جو ٻڌو نوٽ ٻ مهينن ۾ ڪڏهن ڏسن ٿيون، هزار جو نوٽ ته پري جي ڳالهه آهي .

هن منصوبي جي حوالي سان اها راءِ ٻ رهي آهي ته هر مهيني ڪجھ رقم ڏيڻ بجاءِ ڪين روزگار لاءِ هڪ دفعو رقم ڇو نه ٿي ڏني وڃي؟ پلي ها رقم بنا وياج قرض ڇو نه هجي. مان عورتن جي سماجي حالتن تي ڪجهه ننڍيون وڏيو

ڊاڪيومينٽريز ٺاهڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ويس. اتي ڪيترين اهڙين ڳوٺاڻي عورتن سان ملڻ ٿيو، جيڪي پنهنجي ڳوٺن ۾ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪري رهيو هيون.
بدين ضلعي ۾ ته اهڙين عورتن سان ملڻ جو موقعو مليو جيڪي زرعي زمينن تي مزدوري ڪنديون هيون، ٽي سال اڳ اهڙين 11 عورتن گڏجي 24 ايڪڙ زمين مقاطي تي ورتي. هنن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ڪان 13 لک روپين جو قرض ورتو، ٽن سالن ڪان فصل اپائي رهيون آهن. قرض به واپس ڪن ٿيون ته ٻيو فصل به پوکين ٿيون. ڪين چڱي رقم بچي به ٿي جنهن سان هو پنهنجي گهر جون ضرورتون پوريون ڪن ٿيون. هاڻي هو زرعي مزدور نه پر پنهنجي فصل جون مالڪ بڻجي ويون آهن، جن کي اسان آبادگار چئي سگهون ٿا.
ان ڪانپوءِ جڏهن مون انگ اکرن تي نظر وڌي ته حيران ٿي ويس. سنڌ جي 15 ضلعن ۾ سنڌ حڪومت جي مدد سان 11 لک 22 هزار 322 عورتن کي بنا وياج قرض ڏنا ويا، جن سان عورتن ننڍا ننڍا روزگار شروع ڪيا آهن. نه رڳو پنهنجا ننڍا ڪاروبار شروع ڪيا آهن پر وقت تي قرض به واپس ڪري رهيون آهن .
مون سمجهيو ته اين جي اوز پنهنجا انگ اکر ٺاهي مقبوليت ماڻينديون ۽ وڌ ڪان وڌ فنڊ وٺنديون آهن انهن جي ڳالهين تياعتبار ڪهڙو!؟
مان ذاتي طور بدين، ٺٽو لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ ۾ وجي انهن عورتن سان ملڻ جو فيصلو ڪيو. ته جيئن خود اکين سان ڏسان .
مان حيران رهجي ويس جڏهن انهن عورتن سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن ڪان معلومات ورتي تصديق ڪئي ته هنن جيڪا ڄاڻا ڏني آهي اهو ٺيڪ آهي يا نه
اها ڳالهه ته عورتن کي ننڍا بنا وياج قرض ڏجن ته هو پنهنجو ڪاروبار، روزگار ڪن، اها حقيقت اکين سان ڏسي خوشي ٿي، ته سنڌ جي ڀهراڙي جون عورتون پنهنجا روزگار ڪري رهيون آهن. سماج ۾ مثبت تبديلي آهستي آهستي ان طريقي سان ايندي. جو ته هي خيالي پلاءُ نه پر عملي طور حقيقت آهي .
اهي ڪو رات ڀيٽ ۾ آيل انقلاب ناهي پر آهستي آهستي سماج جوچڱائي طرف قدم آهي. عورتون، ڪاروبار، روزگار جي حوالي سان پاڻ پيرين تي رهيون آهن .
هاڻي مان هي ڳالهه انڪري نه ڪريان ته چو ته اها هڪ مثبت ڳالهه آهي، پر اهو ڪم ڪري رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ڪري رهي آهي، مدد سنڌ حڪومت ٿي ڪريس. اها اخلاقي بي ايماني ٿيندي ته مان حوصلو ڏيندڙ، اميد ڀرئي ڳالهه انڪري نه ڪريان ته "ماڻهو ڇا چوندا؟"



يلو ڪم ڪير به ڪري ان جي تعريف ٿيڻ گهرجي. اها الڳ ڳالهه آهي ته ڪلا ۾ مزو وڏيڪ آهي، پڙهڻ ٻڌڻ ڏسڻ وارا به وڏيڪ ملن ٿا.
11لک 22 هزار عورتون، هڪ وڏو انگ آهي، ان تبديلي ۾ ڪم ڪي جاري رهڻ گهرجي، ان جي حوصلي افزائي ڪرڻ گهرجي. اسان جي سماج ۾ رڳو مايوسين جون خبرون هونديون آهن، ڪا خوشي جي خبر به اثر رکندي آهي.
ان جو مطلب قطعي اهو ناهي ته هن هڪ چڱي ڪم تي مڇ وٽيون گهمندا رهون، پر مسلسل بهتر ڪان بهتر لاءِ جدوجهد ڪرڻ ئي روشن آئيندي جو اهڃاڻ آهي.

*(شايع ٿيل روزاني ڪاوش آڪٽوبر 31، 2024)*

*(ٻيو رخ سلسلي شروع ڪرڻ جو مقصد ترقي، غربت جي موضوع، ترقياتي ادارن ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين موضوعن، بنيادي سببن، ڪردار ۽ للڪارن بابت بحث ۽ ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪرڻ آهي . ان ۾ شامل تحريرون ليکڪن جا ذاتي خيال ۽ راءِ هوندي آهي. ان سان سرسو جو متفق هجڻ ضروري ناهي. ادارو)*

# سرسو ۾ ميڊيا

**(سرسو جي سرگرمين ۽ حاصل ڪاميابين بابت ميڊيا ۾ شايع ٿيل نشر ڪيل اهم خبرون ۽ ميڊيا سان رابطا ڪاري جو جائزو)**

**(جنوري - ڊسمبر 2024)**

**سهيڙيندڙ: جميل احمد سومرو**
ميڊيا فوڪل پرسن سرسو- ايم اِي آر يونٽ هيڊ آفيس سکر




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪميونيڪيشن-ايم اِي آر يونٽ ڪيترن ئي نون قدمن جي شروعات ڪئي آهي ته جيئن خاص طور تي سرسو جي ڪم ۽ ڪردار کي ميڊيا ذريعي سيني جي سامهون بهتر طور آڻي سگهجي. ان ۾ خاص طور تي ميڊيا جي شخصيتن، سوشل ميڊيا انفلوئنسرز، ليڪن ۽ تعليمي ماهرن سان رابطاڪاري بهتر ڪرڻ ۽ انهن کي سرسو جي ڪم واري ٻوٽاٽي آبادي سان ملڻ جا موقعا مهيا ڪرڻ شامل آهي، ته جيئن اهي ڀهراڙي جي اهم ترقياتي مسئلن کي اجاگر ڪري سگهن ۽ ڏسي سگهن ته ڪيئن سرسو ٻوٽاٽي عورتن جي اڳواٽي ۾ سماجي تحرڪ، ڪاروباري ترقي، فني تربيت، بغير وياج وارن قرض ۽ ٻين قدمن ذريعي غربت گهٽائڻ، ٻوٽاٽي ترقي ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي.

## مشهور صحافين جي وفد سرسو جي سنڌ حڪومت سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام جو دورو ڪيو.

**ميرپورخاص / مئي 5، 2024**

ڪراچي ۽ حيدرآباد سان واسطو رکندڙ نالي وارن صحافين جو وفد، جن جو پرنٽ، اليڪٽرانڪ، ڊجيٽل ميڊيا، ريڊيو، ۽ نيوز ايجنسين سان واسطو هو، ڊاڪٽر ايوب شيخ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ليڊر ٽي وي جي قيادت هيٺ ميرپورخاص ضلعي ۾ سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP) هيٺ هلندڙ ڪمن جو دورو ڪيو .

هن دوري جو خاص مقصد سرسو جي ڪم، طريقہ ڪار ۽ پي پي آر پي جي ڪامياب ڪهاڻين جو مشاهدو ڪرڻ هو، تہ جيئن سنڌ حڪومت جي غربت گهٽ وارين ڪوششن جي اثرن جو جائزو وٺي سگهجي.

صحافين ڳوٺ علي قطب شاھ جو دورو ڪيو، جتي سونهن لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (Sohan Local Support Organization-LSO)يونين ڪائونسل دولتپور تعلقي شُجاع آباد طرفان منعقد ڪيل ڪميونٽي ڊائيلاگ ۾عورتن جي اڳواڻن ۽ مقامي ڪميونٽي سان ملاقات ڪئي.وفد سماجي تحرڪ(Social Mobilization) واري حڪمت عملي، ڪميونٽي ادارن جي جوڙجڪ ۽ خاص طور تي غربت گهٽائڻ واري قدمن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي LSO .جي نمائندن وفد کي اداري جي ڍانچي ۽ ڪميونٽي جي ترقي ۾ ان جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني. جنهن ۾ هنن ٻڌايو تہ LSOڪيئن مختلف اسٽيڪ هولڊرز سان گڏجي غربت ۽ ترقيءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي.

ڊائيلاگ دوران، پيپلز پاورٽي ريڊڪشن پروگرام (PPRP) مان فائدو ماڻيندڙن پنهنجي ڪاميابيءَ جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون بيان ڪيون، جيڪي غربت جي خاتمي، عورتن جي بااختياري، ۽ ڪميونٽي جي ترقيءَ بابت هيون .انهن ڪهاڻين مان ظاهر ٿيو تہ پروگرام ۽ عورتن جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيندڙ قدمن نہ رڳو عورتن جي سماجي ۽ معاشي حالتن ۾ تبديلي آندي آهي، مگر مجموعي ڪميونٽين جي زندگين ۽ جياپي جي ذريعن تي مثبت اثر وڌو آهي ۽ معاشي ۽ سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

وفد کي پروگرام هيٺ شروع ڪيل انٽرپرائيز ڊولپمينٽ



فنڊ (EDF) بابت ڄاڻ ڏني وئي، جيڪو بغير وياج ننڍن ۽ وچينسطح جي ڪاروبارن جي ترقي ذريعي غربت ۽ بيروزگاريءَ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري ٿو EDF .مان فائدو حاصل ڪندڙن ڪامياب ڪهاڻيون بہ پيش ڪيون.، جن مان واضح ٿيو تہ هي فنڊ مقامي ڪاروبار جي واڌاري لاءِ ڪيئن مددگار ثابت ٿيو آهي .وفد EDF-GoSجي مالي سهڪار سان هلندڙ SKY Garment Unit ميرپورخاص جو پڻ دورو ڪيو، جتي صحافين سنڌ حڪومت پاران صنعتي ترقي ۽ روزگار جي فراهميءَ لاءِ ٿيندڙ قدمن کي عملي طور تي ڏٺو.

ان کان علاوه، وفد SRSO جي ضلعي آفيس جو بہ دورو ڪيو، جتي هڪ استقباليہ تقريب منعقد ڪئي وئي. SRSO جي CEO، محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، RGM ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجروفد جي ميمبرن کي پليڪار چيو، سرسو جو يادگار ڏنا ۽ سندن آمد تي ٿورا مڃيا.



### ميڊيا وفد ۾ شامل صحافي

- ڊاڪٽر ايوب شيخ ( سي اي او ليڊر ٽي وي)
- مهيش ڪمار (ايڊيٽر روزاني سنڌ حيدرآباد)
- امداد سومرو ( اسپيشل رپورٽر دي نيوز ۽ جنگ ڪراچي)

- ذوالفقار علي شاهہ (سي اي او ايف ايم 105 ريڊيو پاڪستان ڪراچي)
- قاضي آصف ( VNS نيوز سروس ڪراچي)
- صلاح الدين (رپورٽر APP ڪراچي)
- جي ايم ڪوڪر (رپورٽر سنڌ ٽي وي نيوز ڪراچي)
- ذوالفقار واهوچو (رپورٽر لائيو ڪراچي)
- همسفر گاڏهي ( ليڪ ۽ ڪالمسٽ افيئر ڪراچي
- منصور ڪوڪر شيخ ( رپورٽر KTN ۽ ڪاوش ڪراچي
- لياقت عباسي (بيوروچيف روزاني ڪوشش ڪراچي
- فيضان لطيف شيخ ( رپورٽر روزاني حريت ڪراچي)
- سيف جسڪاڻي
- شڪيل نائچ



## ڪراچي جي ميڊيا نمائندن سرسو جو دورو ۽ منظر ڳوناٽي عورتن سان ڳالھ ٻولھ

ٺٽو/ 7 ڊسمبر 2024

ڪراچي ۾ ڪم ڪندڙ ميڊيا جي نمائندن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سنڌ حڪومت جي مالي سھڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP funded by Sindh Government)تحت هلندڙ ڪم جو مشاهداتي دورو ڪيو. دوري جو مقصد عورتن کي بااختياربڻائڻ ۽ غربت گھٽ ڪرڻ لاءِ کنيل قدمن جو جائزو وٺڻ. ڳوناٽين عورتن سان سڌو سنئون رابطي جو موقعو ڏيڻ ۽ انهن جي زندگين ۽ روزگار تي PPRP جي اثرن کي سمجھڻ هو.ميڊيا نمائندن ڳوٺ راوت مگسي، يوسي فقير جو ڳوٺ، تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو ۾ منظر ڳوناٽي عورتن سان ڳالھ ٻولھ ڪئي.وفد ۾سنڌي، اردو، ۽ انگريزي اخبارن، ٽي وي، نيوز ايجنسين، ڊجيٽل ميڊيا، بين الاقوامي ميڊيا، ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي ميڊيا ڊپارٽمينٽ جا نمائندا شامل هئا. وفد جي سهولتڪاري سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO) محمد ڏتل ڪلهوڙو ڪئي.جڏهن ته ريجنل مئنيجر حيدرآباد، ڪميونيڪيشن مئنيجر، ۽ ضلعي مئنيجر ٺٽو پڻ شريڪهئا. وفد مختلفڳوناٽي ڪاروباري عورتن پاران لڳايل اسٽالن جو دورو ڪيو، جن ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) ۽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF) جي مدد سان تيار ڪيل مختلف شيون پيش ڪيون ويون. ڳالھ ٻولھ دوران مقامي سھڪاري تنظيم (LSO) جي عورت اڳواڻن ڪميونٽي ادارن بابت آگاهي ڏني، انهن جي سرگرمين جو جائزو پيش ڪيو، علائقي جي اهم مسئلن بابت ٻڌايو ۽ پنهنجون ڪامياب ڪهاڻيون بيان ڪيون. وفد عورت اڳواڻن ۽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙن سان ملاقاتون پڻ ڪيون، جن PPRP-GoSجي مثبت اثرن خاص طور تي مالياتي خودمختياري ۽ مهارتن ۾واڌاري کي اجاگر ڪيو. وفد ڳوناٽي وڏڪاري مهم جي حوالي سان ڪيل







تقريب ۾ بہ شرڪت ڪئي، جنهن دوران ڳوٺاڻي عورتن جي ننڍن پر اهم ماحولياتي قدمن، جهڙوڪ گهرن ۾ وڻ لڳائڻ ذريعي موسمياتي تبديليءَ خلاف جدوجهد جي ڪوشش کي ساراهيو ويو. وفد جي ميمبرن سرسو، سنڌ حڪومتءَ ڪميونٽي ادارن جي ڪوشش جي تعريف ڪئي. خاص طور تيسرسو جي عورتن جي اڳواڻي ۾سماجي تحريڪجي ٽن مرحلن تي ٻڌل حڪمت عملي جي واکاڻ ڪئي وئي، جنهن عورتن جي مالي خودمختياري ۽ سماجي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

## وفد ۾ شامل صحافي

- اڪرم خان (ايڊيٽر جنگ فورم، روزاني جنگ ڪراچي)
- سعديہ ڪمال (APP، اسلام آباد)
- قرت مرزا (رائيٽر ۽ سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ)
- عائشہ خان انصاري (رپورٽر ايڪسپريس ڪراچي)
- حنيفہ امير ( رپورٽر ARY ٽي وي ڪراچي)
- ليلا نثار (اينڪر پرسن آواز ڪرنٽ افيئرس ڪراچي)
- ثمينہ قريشي (ميڊيا ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽي)
- مانيا شڪيل ( رپورٽر DW جرمن ميڊيا ڪراچي)
- رزاق ابڙو ( سينئر رپورٽر ايڪسپريس ٽريبون ڪراچي)
- يوسف ڪٽپر (رپورٽر نيوز انٽرنيشنل ڪراچي)
- منيش ڪمار (رپورٽر سوچ ٽي وي ڪراچي)



# ترقياتي صحافت بابت هڪ ڏينهن جي عملي ميڊيا ٽريننگ ورڪشاپ

## پريس ڪلب بدين/ 22 ڊسمبر 2024

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن(سرسو) بدين ضلعن جي صحافين سان هڪ ڏينهن جي ”ڊولپمينٽ جرنلزم“بابت عملي ميڊيا ٽريننگ ورڪشاپ پريس ڪلب بدين ۾ 22 ڊسمبر 2024 تي منعقد ڪيو. ورڪشاپ جي سهولتڪاري نامور ميڊيا ٽرينر ۽ سينئر صحافي قاضي آصف ۽ ملٽي ميڊيا جرنلسٽ ۽ ٽرينر محترمہ نورين شمس فراهم ڪئي.ورڪشاپ ۾ خاص طور تي ڊجيٽل دور ۾ ميڊيا جي بدلجندڙ ڪردار تي غور ڪيو ويو. بحث مباحثي ۾صحافت جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو تہ اها عام ماڻهن جي مسئلن کي سامهون آڻڻ لاءِ ڪيئن مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي، جڏهن تہ جديد ميڊيا جي منظرنامي ۾رپورٽنگ جي چئلينجن ۽ مؤثر اوزارن تي پڻ روشني وڌي وئي.

شرڪت ڪندڙن صحافتي دنيا جي تبديلي تي غور ڪيو، جيڪو روايتي ميڊيا جهڙوڪ اخبارن، ريڊيو، ۽ ٽي وي کان سوشل ميڊيا جي وڌندڙ اثر تائين پهچي چڪو آهي. ٽرينرز زور ڏنو تہ صحافي، جيڪي رياست جو چوٿون ٿنڀو آهن، انهن جو ڪردار انتهائي اهم آهي، جيئن تہ اهي شهرين ۽ سرڪاري ادارن جي وچ ۾ پل جو ڪم سرانجام ڏين ٿا ۽ سماجي مسئلن ۽ عوامي شڪايتن کي اجاگر ڪن ٿا.ورڪشاپ ۾ ڊجيٽل ميڊيا جي دور ۾، خاص طور تي معلومات گڏ ڪرڻ ۽ ان کي مؤثر طريقي سان پيش ڪرڻ بابت موجود چئلينجن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي. صحافين کي جديد اوزار ۽ حڪمت عمليون اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي تہ جيئن هو پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪرڻ ۽ رپورٽنگ جي صلاحيتن کي وڌائي سگهن ۽ معاشري لاءِ وڌيڪ فائدو مند ثابت ٿي سگهن.

بدين جي صحافين (SRSO) جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن ۽ فائدو حاصل ڪندڙن سان ملاقات پڻ ڪئي. جتي انهن پنهنجون متاثر ڪندڙ ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ سرسو جي مختلف ترقياتي قدمن جي مثبت اثرن کي سامهون آندو. ڪميونٽي ميمبرن پنهنجا تجربا ٻڌايا تہ ڪيئن اهي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان

هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP)سندن زندگي ۽ روزگار کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا. انهن سامهون ايندڙ چئلينجن تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ ٻڌايو تہ ڪيئن حوصلي ۽ محنت سان انهن مسئلن تي قابو پاتو.

صحافين ڪميونٽي ميمبرن جا انٽرويو بہ ڪيا تہ جيئن اهي ترقياتي پروگرامن جي حقيقي زندگيءَ تي پوندڙاثرن کي بهتر سمجهي سگهن ۽ ميڊيا جو ڪردارانهن ڪهاڻين کي وڌ کان وڌ عام ڪرڻ ۾ ڪيئن مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.شرڪت ڪندڙن SRSO جو ٿورو مڃيو تہ ڊولپمينٽ جرنلزم بابت ٽريننگ ۾شريڪ ٿيڻ ۽ بدين جي با اختيار عورتن سان ملڻ جو موقعو ڏنو.

پروگرام ۾ بدين پريس ڪلب جي صدر محترم تنوير احمد آرائين، سرسو بدين جي ضلعي مئنيجر احمد خان سومري، سورمي فائونڊيشن جي چيئرپرسن ماروي عابده سمون ۽ سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ سوڍي ڪولهي بہ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. ورڪشاپ جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا.





## ميرپورخاص جهڙو مثال سنڌ جي سمورن ضلعي هيڊ ڪوارٽرز ۾ قائم ٿيڻ گهرجي....!

هي آهي ميرپورخاص جي هڪ گارمينٽس فيڪٽري جيڪا ڇهن دوستن جي هڪ گروپ ڪُرونا وبا وارن ڏينهن ۾ ڪراچي جي گارمينٽ فيڪٽرين مان بيروزگار ٿيندڙ ڪاريگرن کي پنهنجي ئي شهر ميرپورخاص ۾ روزگار مهيا ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ گارمينٽ فيڪٽريءَ جو خواب ڏٺو.ان کي عملي شڪل تڏهن ملي جڏهن انهن دوستن جي گروپ جي سرسو SRSO وارن سان ملاقات ٿي،ساڻن ڪاروبار جو منصوبو شيئر ڪرڻ کان پوءِ انهن جي اسيسمينٽ ڪرڻ ۽ ٻيون ضروري ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرڻ کان پوءِ 30 لک قرض بنا وياج ڏيڻ جي حامي ڀري. 8 لک دوستن جي ان گروپ پنهنجي طور شامل ڪيا،ايئن 38 لک روپين ۾ اهو ڪم مڪمل طرح سولر تي هلي پيو.هينئر لڳ ڀڳ هڪ سؤ ڪاريگرن جو ان گارمينٽ فيڪٽريءَ سان روزگار لاڳاپيل آهي ۽ ماهوار 40 هزار روپين جي لڳ ڀڳ ڪمائين ٿا. جيتوڻيڪ اهو فنڊ سوشل ويلفيئر جي مد ۾ سنڌ حڪومت ڏئي ٿي پر سرسو ان جو بهتر استعمال ڪري ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو اتساهه مهيا ڪيو آهي.



اهڙو ڪم پاڻ کي دادو،سيوهڻ،ڄامشوري،لاڙڪاڻي،ميهڙ توڙي سنڌ ڀين شهرن ۾ به گهربل آهي.ننڍا ننڍا صنعتي يونٽ لڳڻ سان هڪ ته مقامي واپاري پئدا ٿيندو،ماڻهن کي روزگار ملندو.اڄ اهي ڪراچي جي گارمينٽس فيڪٽرين کان آرڊر وٺي ايڪسپورٽ ڪوالٽي جو ڪم ڪن ٿا،سياڻي اهو رستو پاڻ سمجهي ويا ته مقامي سطح تي خوشحالي جا گس کلي پوندا.جيتوڻيڪ سماج ۾ انقلاب يا مڪمل تبديلي سياست وسيلي ئي ممڪن آهي پر جتي هر پاسي بک ۽ بدحالي واڪا ڪندي هجي، اتي ذڪر ڪيل اداري جي اها ڪوشش جس لهڻي ۽اسان کي انهن ادارن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي جيئن اڳ کان اڳرا ٿي ڪم ڪري سگهن!

تحرير: همسفر گاڏهي، مئي 6، 2024

## نوجوانن کي سرسو جي ڪاروباري اسڪيم مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي..!

بدين، ٺٽي، سڄاول، عمر ڪوٽ، ٿرپارڪر، ميرپورخاص، سکر، گهوٽڪي جي نوجوانن کي سرسو جي ڪاروباري اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري 6 ڄڻن جو گروپ ٺاهي گڏيل طور تي 30 لک رپيا بنا وياج وارو قرض حاصل ڪري مختلف ڪاروبار شروع ڪري ان مان پاڻ به ناڻو ڪمايو ۽ ٻين ٻي روزگار کي به روزگار سان لڳايوآهي. هي هڪ سونهري موقعو آهي، اوهان گارمينٽ فيڪٽري لڳائي سگهو ٿا، جوس فيڪٽري لڳائي سگهو ٿا، ٽماٽن جي پلپ تيار ڪرڻ جي فيڪٽري لڳائي سگهو ٿا، اوهان چوپايو مال گوشت لاءِ تيار ڪري سگهو ٿا، ڪو مارٽ کولي سگهو ٿا، بهترين ريسٽورنٽ کولي سگهو ٿا، وهجڻ، ڪپڙا ڌوئڻ وارا صابڻ، سرف، هينڊ واش، فرش واش، ٿانو ڌوئڻ وارا صابڻ ٺاهڻ جي فيڪٽري ٺاهي سگهو ٿا، اوهان کائڻ وارو آئل تيار ڪرڻ جي فيڪٽري لڳائي سگهو ٿا، ڏاڳي يا ڪپڙي ٺاهڻ جي ننڍي فيڪٽري لڳائي سگهو ٿا، چمپل تيار ڪرڻ جو ڪارخانو لڳائي سگهو ٿا، پلاسٽڪ جون مختلف شيون تيار ڪرڻ جي فيڪٽري لڳائي سگهو ٿا، اهي سڀ ڪاروبار هلڻ وارا آهن اهي سڀ پنجاب مان اسان وٽ اچن ٿا. اوهان پنهنجي ضلعي ۾ تيار ڪري ان کي اتي وڪرو ڪري سگهو ٿا.

سرسو شاندار ڪم ڪري رهي آهي، بي روزگار نوجوانن کي ڪاروبار طرف اچڻ گهرجي.سرسو ڳوٺن مان غريب عورتن تي ٻڌل تنظيمون جوڙي انهن کي مختلف تربيتيون ڏئي هنر سيکاري روزگار لائق بڻائي رهي آهي، ان سان عورتون بچت ڪرڻ سکن ٿيون، مال پالين ٿيون، دوڪان هلائين ٿيون، گهريلو هنر مان تيار ٿيل شيون



مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪن ٿيون، اهي عورتون پنهنجي پٽتي پيل عورتن کي گهر تيار ڪري ڏين ٿيون، پنهنجي بچت ۽ سرسو جي مالي مدد سان ننڍيا قرض بنا وياج جي عورتن کي ڏئي انهن جي مالي سگهه بهتر ڪن ٿيون، هي وڏو معاشي انقلاب آهي اسان سنڌ واسين کي ان مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي، اگر ته اسان اهو چوندا هئاسين ته بينڪ ۽ ٻيا مالياتي ادارا ڳري وياج تي قرض ڏيڻ ٿا ان مان جان نٿي ڇٽي مجبور ٿي ماڻهو آپگهات ڪن ٿا، هاڻ ته بنا وياج قرض ملي پيو ان مان فائدو حاصل ڪري ڪاروبار شروع ڪريو، پاڻ به سکيا ٿيو ۽ ٻين کي به روزگار مهيا ڪري سڪيو ڪيو، وڏيرن، پيرن، ميرن جي طبقاتي غلامي مان به پاند آجا ڪرايو.

تحرير: ذوالفقار واهوچو، مئي 8، 2024

## ٽينشن ناهي ۽ هاڻي ڪنهن ڏي تڪڙ به ناهي....!

اهي لفظ ان ڳوٺاڻي جا آهن جنهن سرسو جي ڪاروباري پروگرام مان لاڀ ورتو ۽ هاڻ پنهنجو گهر بهتر انداز سان هلائي رهي آهي. سرسو خودمختيار ۽ ڪاروباري عورتن جي چڱي خاصي فوج تيار ڪري ورتي آهي جيڪا اعتماد سان ننڍڙو ئي سهي پر پنهنجو ڪاروبار ڪري ٿي ۽ پنهنجي هنر سان رڳو سنڌ ئي نه بلڪه ڏيهه پرڏيهه ۾ به سنڌ جي ثقافتي رنگن کي متعارف ڪرائي ٿي. اتر سنڌ جي اصل سڃاڻپ ڌاڙيل نه بلڪه اهي عورتون آهن جيڪي ڪچي ۽ ڪڪائن گهرن ۾ ويهي رنگين خواب اڻين ٿيون ۽ سرسو انهن کي ساڀيان جي پنڌ تي ٿو هلائي.

جائيڪا ۾ "گهريلو سطح تي ڪم ڪندڙ عورتن" واري پراجيڪٽ ۾ ڪم ڪرڻ ۽ سکر ۾ رهڻ دوران مون سرسو کي تمام ويجهڙائي کان ويهي ڏٺو آهي ۽

پنهنجي انهن پنجن سالن جي سفر ۾ آءُ سرسو جي انهي پورهئي جو چشم ديد گواهه به آهيان. جائيڪا جو پراجيڪٽ ۽ جمال شورو جي سنگت سان ان اداري سان متعارف ٿيو هوس ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي پوري سرسو منهنجي دوست بڻجي وئي هئي، ايتري تائين جو اڪثر ماڻهو مونکي سمجهندائي سرسو جو هئا..

مان ڪلهه به ان ڳالهه جو قائل هوس ۽ مان اڄ به ان ڳالهه تي يقين رکان ٿو ته "ادارا" پٿرين ۽ چارديوارين جو نالو نه بلڪه انهن فردن سان سڃاپجندا آهن جيڪي انهن ادارن ۾ مقصد جو روح ڦرين ۽ انهن ادارن کي پنهنجي منزلن طرف پوري وقار سان کڻي هلن. سرسو جي حوالي سان آءٌ اهو سحرو اداري جي سي اي او ڏتل ڪلهوڙي صاحب جي سر تي رکان ٿو، جو پنهنجي پنجن سالن جي ان عرصي دوران مون هن شخص کي فوڪس، مخلص، محنتي، ملنسار ۽ اداري جو خيرخواهه ئي ڏٺو. اهوئي سبب آ جو اڄ سرسو پنهنجي ڪمن سبب پوري سنڌ ۾ گونجي ٿي .

سرسو جي ويهن سالن تي محيط سفر جي هي وڊيو ڏسو ۽ پوءِ پاڻ فيصلو ڪيو ته سنڌ جي نياڻين کي خودمختيار ۽ پاڻ ڀرو ڪرڻ ۾ هن اداري ڪيڏيون ڪوششون ورتون آهن.

آخر ۾ وڊيو ۾ موجود پوڙهي جي انهن جملن سان پڄاڻي ته "جب تڪ سورج چاند رهي گا، سرسو تيرا نام رهي گا".

خوش هجو باقي توهان پنهنجي هن سفر ۾ جائيڪا جو ذڪر نہ ڪيو آ تنهن جو رنج بهرحال آهي.

تحرير: مجيد ٿهيم مئي 15، 2024



# سرسو جون اهم ڪاميابيون انگن اکرن جي روشني

## ڊسمبر 2024ع تائين

سهيڙيندڙ: امتياز علي شيخ

سينيئر پروگرام آفيسر ايم اِي آر يونٽ، هيڊ آفيس سکر

### سرسو جي پُهچ

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| ضلعن جو تعداد | 15 |
| تعلقن جو تعداد | 86 |
| يونين ڪائونسلن جو تعداد | 722 |
| ڳوٺن جو تعداد | 29،899 |
| مُنظم ڪيل گهراڻن جو تعداد | 1،425،093 |

### سماجي تحرڪ

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) | 79،542 |
| وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) | 13،969 |
| لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) | 592 |
| ڪميونٽي آرگنائيزيشنس جي ميمبرشپ | 1،425،093 |

### سرسو- مائڪرو فنانس

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| مائڪروفنانس (MF) پروگرام جي ورهايل رقم (ملين ۾) | 29،681 |
| مائڪروفنانس (MF) پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ | 1،066،747 |
| زراعت جي شُعبي ۾ ورهايل رقم (ملين ۾) | 8،239 |
| چوپايي مال جي شُعبي ۾ ورهايل رقم (ملين ۾) | 10.810 |
| ڪاروبار جي شُعبي ۾ ورهايل رقم (ملين ۾) | 10،632 |

### سرسو جون بغير وياج / مفت مالياتي خدمتون

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| انڪم جنريٽنگ گرانٽ (IGG) جي ورهايل رقم (ملين ۾) | 798 |
| انڪم جنريٽنگ گرانٽ (IGG) مان فائدو حاصل ڪندڙ | 57،646 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) جي ورهايل رقم(ملين ۾) | 5،354 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) فائدو حاصل ڪندڙ | 303،463 |
| ان ڪنڊيشنل ڪيش گرانٽسجي ورهايل رقم (ملين ۾) | 71 |
| ان ڪنڊيشنل ڪيش گرانٽسمان فائدو حاصل ڪندڙ | 2،037 |

### انساني وسيلن جي ترقي

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| ڪميونٽي ادارن جي ڪميونٽي مئنيجمينٽ اسڪل ٽريننگ مان فائدو حاصل ڪندڙ | 111،403 |
| سرسو اسٽاف جي مختلف موضوعن تي ڪرايل تربيتن مان فائدو حاصل ڪندڙ | 6،973 |
| ڪميونٽي کي ڪرايل هنري مهارتن جي تربيتن مان فائدو حاصل ڪندڙ | 410،666 |

## تعميراتي ڍانچي ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي جي اسڪيمن (CPIs) جو تعداد | 28،836 |
| ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي جي اسڪيمن مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا | 402،254 |
| مڪمل ڪيل CPIs جي ڪل بجٽ (ملين ۾) | 3،352 |
| گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير (2007 کان 2017) | 17،941 |
| گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير (PPRP-GoS I & II) | 14،838 |
| سانا ۽ اينگرو فائونڊيشن جا تعمير ٿيل محفوظ گهر | 198 |
| محفوظ گهرن جي تعمير (SPHF-GoS) | 235,694 |
| صاف پيئڻ جي پاڻي جون اسڪيمون | 9،541 |
| ڪچن رستن جي بحالي ( SFERP-GoS) | 1،625 |

## مائڪرو هيلٿ انشورنس

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| مائڪرو هيلٿ انشورنس هيٺ بيمو ٿيل ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 1،163،300 |
| ڪميونٽي طرفان دعوائن جي مد ۾ حاصل ڪيل رقم (ملين ۾) | 424 |
| ايم ايڇ آءِ جي ذريعي فائدو حاصل ڪندڙ ڪميونٽي ميمبر | 19،447 |
| بيمو ٿيل چوپايو مال 8 ضلعن ۾ | 23،569 |
| ڪليم ٿيل چوپايو مال | 393 |

## قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| ڪم وارن ضلعن جو تعداد | 18 |
| پولٽري سيٽس جي ورهاست | 25،500 |
| لڳايل وڻن جو تعداد | 958،598 |
| سبزين جي ٻجن ورهاست | 109،344 |
| ڪچن گارڊننگ ڪٽس جي ورهاست | 7،100 |
| زراعت ۽ چوپايي مال تي تربيت حاصل ڪندڙ | 12,550 |

## سرسو تعليمي پروگرام

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| اِي ايم او اسڪول (اِي سي اِي کان 10 مئٽرڪ) | 08 |
| اِي ايم او اسڪولن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 5،732(ڇوڪريون 1،971 ۽ ڇوڪرا 3،761) |
| ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول (اي سي اي کان مئٽرڪ) | 19 |
| ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪولن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 7،253(ڇوڪريون 2،945 ۽ ڇوڪرا 4،308) |
| ڪميونٽي مئنيجڊ اسڪول (اِي سي اِي کان پنجون ڪلاس) | 8 |
| ڪميونٽي مئنيجڊ اسڪولن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 553(ڇوڪريون 343 ۽ ڇوڪرا 210) |
| ڪل سرسو تعليمي ادارا | 35 |
| سرسو تعليمي ادارن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 13،538 (ڇوڪريون 5،259 ۽ ڇوڪريون 8،279) |

## ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ

| عنوان | ڊسمبر 2024 |
|---|---|
| ڪُل ڪم وارن ضلعن جو تعداد | 10 |
| هُنرمند عورتن جا جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس | 308 |
| بزنس ڊولپمينٽ گروپس ۾هنر مند عورت ميمبرن جو تعداد | 6,005 |
| تربيت حاصل ڪندڙ هنرمند عورتون | 3,429 |
| نيون هنري ڊيزائنون | 1،036 |
| فنڪشنل لٽريسي پاس ٿيل هنرمند عورتون | 516 |
| سرتيون سنگ ميگا نمائشون | 15 |
| شريڪ ٿيل هنري نمائشون | 181 |



# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن


سرسو ڪامپليڪس مين شڪارپور روڊ سکر، سنڌ (پاڪستان)

فون نمبر: 071-56271820 | اِي ميل: info@srso.org.pk

فيڪس: 071-5627182-111 | ويب سائيٽ: www.srso.org.pk